رچنا ٨٣



فتحچند منگترام واسواڻي

ساهت ۽ ڪلا جي ٽماهي ايڊيٽر : لڇمي کلاڻي

رچنا

۸۳

في انڪ : ۱٦ رپيا
ساليانو چندو : ۵۰ رپيا
لائيف ميمبرشپ : ۵۰۰ رپيا
ڀارت کان ٻاهر : ۵۰ يو. ايس. ڊالر

سال : ۲۱

جولاءِ - سيپٽمبر ۱۹۹۹

ڇاپان : انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O. Box-10, 2-B/16, Adipur (Kutch) 370205
Ph. : (02836) 60997



سلسلو :

اسان جي طرفان ۲؛ نظم/هري دلگير ۴؛ قطع/اَرجن حاسد ۴؛ نظم/رکيل مورائي ۵؛ غزل/رکيل مورائي ۵؛ ڪوتا - سَمنڊُ/اِندرا واسواڻي ٦؛ غزل/لڪشمڻ ڊُبي ۸؛ غزل/پيتامبر جوڌاڻي ۸؛ غزل/ڍولڻ راهي ۹؛ وائي/ڍولڻ راهي ۹؛ تنها/گهنشيام ساگر ۱۰؛ ڪوتا-ڌرم جي ماءُ/گهنشيام ساگر ۱۰؛ ڪوتا-جنگ جو پڪي/ گوپال نڪر ۱۰؛ سمرتيون-فتح چند منگترام واسواڻي/هري دلگير ۱۱؛ ڪهاڻي-پوسٽ ماستر/ٽئگور-فتحچند واسواڻي ۲۲؛ ليک-سُرسارنگ/فتحچند واسواڻي ۲۷؛ ليک-ٻولي ۽ ساهتيہ/لالسنگھ اَجواڻي ۳۱؛ ليک-پاڻيءَ جو اَثر-بدڪ جي پنيءَ تي/لالسنگھ اَجواڻي ۳۳؛ ڪوتا-مان-ٻي گهر سنڌڻ/پوپٽي هيراننداڻي ۳۴؛ ڪوتا-وندر/سندري اُتمچنداڻي ۳۴؛ ڪهاڻي-جڻ ڪوئي مري ويو آهي/سندري اُتمچنداڻي ۳۵؛ مخزن رِيِوُ - سچ چوڻ جي چوٽ/نامديو تاراچنداڻي ۳۹؛ توهان طرفان ۴۲؛ پهچ ۴۵.

انسان جي اندر ۾ موجود ’آتم‘ جو پاڙون سندس هزارن سالن جي ڪلچر ۾ اونهيون ڪُتل آهن، جتان ئي ڪيس ساڃهہ ۽ سوجهيءَ جي خوراڪ ملندي ٿي رهي. وقت سان پرايل ڏاهپ سان اُن جي اوسر ٿيندي ٿي رهي. شخص جي اهم جيان آتم ڪي ڪو نوس آڪار يا نالو ڪونهي. آتم محض هڪ State of being / Consciousness آهي جيڪا انسان جي بدلجندڙ ملهن جي باوجود ’سچ‘ ۽ ’ڪوڙ‘، صحيح ۽ غلط، سونهن ۽ بدزيبائيءَ جي وچ ۾ پرک ڪري، سندس رهنمائي ڪريٿي.

ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن جي تخليقي عمل جو آڌار بہ سندن اهم نہ، بلڪ آتم آهي. اُچاٽڙا ليکڪ پنهنجي اهم جي ڪوهہ ۾ ’مان-مان‘ جي ٽرڙ - ٽرڙ ڪندي، سطح تي ٽپا ڏيندا رهن ٿا. گنڀير ليکڪ پنهنجي آتم جي مهراڻ ۾ هيٺ اونهو لهي ’سچ‘ ۽ ’سونهن‘ جون سپون ميڙي اچن ٿا.

هرڪو ڪلاڪار، ڪلا جي ساڌنا ذريعي، پنهنجي ئي ’آتم‘ جي مورتيءَ کي گهڙي، تراشي اُن ۾ ساهہ ڦوڪي ٿو ۽ پنهنجي خلقيل هن شاهڪار ڪلاڪرتيءَ جي سونهن جو مشاهدو ماڻي ٿو. ائين پنهنجي تخليقي قوتن کي اُڀاري، پريپورٽتا جي درجي تي پُڄائي، پنهنجي اندر کي پرائڻ، پنهنجي زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ، ڪو ارٿ ڏيئي ٿو. هن دنيوي خسيسپڻي مان پنهنجا پالند آجا ڪري، وجد جي بُلنديءَ کي ڇهي ٿو.

’اهم‘ جو دائرو جتي نهايت ئي تنگ، شخص جي نجي سوارٿ تائين محدود آهي، اُتي ’آتم‘ جو دائرو نهايت ئي ڪشادو، سموري سرشٽيءَ کي پنهنجي ٻانهن ۾ سمائڻ وارو آهي. پنهنجي آتم سان ساڪياتڪار ڪرڻ واري ٻُڌ کي پراڻي ماتر لاءِ پيار ۽ ڪروڻا آهي. هو ڪو بہ ڪاريہ ڪنهن دُنيوي انعام جي لالچ ۾ اچي، پاڻ تي هموار نٿو ڪري، بلڪ اُن مان حاصل ٿيندڙ آنند لاءِ ٿو ڪري. پنهنجي آتم سان مخاطب ٿيڻ لاءِ انسان کي اول هنن دُنيوي اڇائن، واسنائن کي ترڪ ڪرڻو پوندو، جيڪي سندس اهم جو ڪاڄ آهن. هن جي اندر ۾ وير وروڌ، ڌڪار، تعصب، ايرکا حسد ساڙ، بغض ٿيون پيدا ڪن.

ازل کان انسان پنهنجي ان آتم کي ڄاڻڻ سڃاڻڻ لاءِ تپسيا ڪندو رهيو آهي. ’پاڻ سڃاڻي پاڻ لهہ‘ ئي انساني زندگيءَ جو واحد مقصد رهيو آهي. اُپنشدن ۾ بہ اهو سوال موجود آهي تہ ’اهو ڇاهي جنهن کي ڄاڻڻ سان سڀ ڪجهہ اسانجي ڄاڻ جي دائري ۾ ازخود اچي ٿو وڃي؟‘ جيڪو هن سرشٽيءَ جو سروت آهي، جيڪو انسان کي ڊپ، ڊر کان مڪت ڪري امرتا ٿو عطا ڪري؟ پنهنجي اندر ۾ موجود آتما سان مُنهان مُنهن ٿيڻ ۾ جيڪو مدد ٿو ڪري، اُهو ئي هن ڪائنات جو وڏي ۾ وڏو عظيم علم آهي.

هن ليکہ جو اختصار انگريزيءَ جي هن گهٽي ڊُهرايل جملي ذريعي ڏيئي سگهجي ٿو.

Judge the man, not by what he has (ego) but by what he is (Self).

اهم (Ego) ۽ آتم (Self)

اَڄ جي انسان پنهنجي سڃاڻپ پنهنجي ’اهم‘ سان جوڙي آهي. هن جو اهو اهم سندس سريري سونهن، ۽ دنيوي حاصلاتن مان اُپري ٿو. ڪنهن سريشٽ سڏجندڙ جاتي يا اونچي خاندان سان تعلق، ڪنهن ڪيل ڌن دولت، پرايل علم عقل، هٿ ڪيل ڊگريون، انعام اڪرام، عهدا خطاب، سندس ’مان‘ کي اُجاگر ڪري، ڪيس ٻين کان برتر هئڻ جو سڪ ڏين ٿا.

پنهنجي ان اهم کي ئي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سرمايو مڃي، هوُ اُن کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ چمڪائڻ جي ڇڪتاڻيءَ ۾ هروقت تيز ڊوڙندو ٿو رهي. البت انسان جي ’اهم‘ جي اُسات ترپت ٿيڻ بجاءِ، وڌيڪ شدت سان پڙکي، ڪيس رُڃ پٽيان ڊوڙائي ساڻو ٿي ڪري ڇڏي. جيون جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي پالڻ ۾ نراسائيءَ جي واري ئي واري ڏسي، سندس منهن مان ازخود دانهن ٿي نڪري وڃي.

هاءِ سنسار، هتي سُک نه مليو سُک پائي،
نانءُ ٿيو اصل جو، هٿ آيو مگر عڪس رڳو ! (شيام)

ائين انسان جي حياتي، پنهنجي اهم جون اَکُٽ تقاضائون پوريون ڪرڻ جي ڀڄ ڊڪ ۾، پاڇن جو پيڇو ڪندي، وئرٿ گذري ٿي وڃي. ڪيس پنهنجي ئي اندر ۾ موجود ’آتم‘ سان ساڪياتڪار ڪرڻ جو وجهه ئي نٿو ملي. جيڪو ئي انسان جي اصلي سڃاڻپ جو ضامن آهي.

انسان جو پنهنجي آتم سان مخاطب ٿيڻ جو پهريون ۽ لازمي شرط آهي ’دنيا جي نظرن ۾ جيئڻ بجاءِ، پنهنجي نظرن ۾ جيئڻ‘، يعني پنهنجو پاڻ سان ايمانداري! شيڪسپيئر به چيو آهي :

'To thine own self be true and
Thou can not be false to any man !'

پنهنجا تڇ خسيس سوارٿ سِڌ ڪرڻ لاءِ، حرفت، چالاڪي ۽ بي ايمانيءَ سان ٻين کي ٺڳڻ جا شارٽ ڪٽ اپنائي، ماڻهو پنهنجي اهم کي اُپاري اُن جا فوٽو اخبارن / مئگزنن جي ڪور تي ڇپائي، پاڻ کي دنيا جي نظرن ۾ ته لاشڪ سرخرو ڪري سگهيو. پر ان ڪارگذاريءَ ۾ دراصل هو پاڻ کي ئي ٺڳي، پنهنجي نظرن ۾ هيٺ ڪرندو، پنهنجي آتم جي عڪس کي ڌنڌلو ڪندو ٿو رهي. وقت گذرندي سندس آتم جو آهستي آهستي موٽ ٿيندو ويو آهي، ان جي ڪيس سمڪ ئي نٿي پوي.

نظم/رڪيل مورائي

باک جو ننگو سرير
ٻات جي خوني چنبن ۾ ٿو لُڇي
چنڊُ شرابي
ٿيڙ کائي آ ڪريو ڪنهن ڪُنڊ ۾
ڪيترا تارا رڙن ٿا
۽ سندن چارا رڙن ٿا
سانت جو سينو وَڇي ٿو
ڪائنات
پينوءَ قسطو ڇڻ لڳي ٿي
آدمي پئسي جيان
جنهن ۾ ڦري ٿو
اتهاس جون ڇاتيون
پٽي ٿو وقت ظالمُ
لات! طوفانن جي گهيري ۾
اڃا آهي ڪَڙيل
ها! اُجالي لئہ ڏيئو ٻاري نہ ڪير؟
جيستائين
سچُ پنهنجو قافلو ڪاهي اچي
تيستائين
باک جو ننگو سريرُ
ٻات جي خوني چنبن ۾ ٿو لُڇي
چنڊ شرابي
ٿيڙ کائي آ ڪريو ڪنهن ڪُنڊ ۾
رات پنهنجو پاندُ ڦهلائي ڇڏيو
جنهن جي مٿان
ڪائنات اوندهہ جي ٻک ۾ آ اَچان.

غزل/رڪيل مورائي

رکي پنهنجا سُفيد ڪالر جو،
ڏاڍو ميرو رهي ٿو اندر جو.

ڪيئن نہ هن شهر جو اَبو سمجهون،
ڏِيان جيڪو رکي ٿو گهر گهر جو.

قتلُ ٿيل آزمائي ڪين سگهيو؟
تہ ڪيڏو گهاٽُ آهي خنجر جو.

ماڻهپي جون حدون لتاڙي ويو،
چڱو سمجهو ويو ٿي جو ترَ جو.

اڪيون محراب مرڪ ڇَڻُ پوُڄا،
ماڻهون مسجد جو آ يا مَندرَ جو؟

ذلتن سان نهي ئي ويندو نيٺ،
باس آڏو ڪَري نہ نَهڪرَ جو.

K-22, Al-Asif Square,
Sohrab - Goth Karachi,
SIND-PAKISTAN.

نظم/هري دلگير

۱. اهڙو بلڪل اهڙو هو
نيٺ بہ ڇؤ سو ڪهڙو هو،
ڪونڊيءَ منجھ گلاب ڏٺم،
منهنجن سپنن جهڙو هو.

۲. اهڙو بلڪل اهڙو هو،
نيٺ بہ ڇؤ سو ڪهڙو هو،
سپني ۾ ڪلھ سرڳ ڏٺم،
سو گهر-گلشن جهڙو هو

۳. اهڙو بلڪل اهڙو هو،
نيٺ بہ ڇؤ سو ڪهڙو هو،
آڌيءَ رات ٻُڌم آواز،
تنهنجن قدمن جهڙو هو.

۴. اهڙو بلڪل اهڙو هو،
نيٺ بہ ڇؤ سو ڪهڙو هو
ساگر چوليمار ڏٺم،
منهنجن جذبن جهڙو هو.

۵. اهڙو بلڪل اهڙو هو،
نيٺ بہ ڇؤ سو ڪهڙو هو،
ڪرشن ڪنئيو لچڙو ٻار،
منهنجن پوٽن جهڙو هو،

۶. اهڙو بلڪل اهڙو هو،
نيٺ بہ ڇؤ سو ڪهڙو هو،
ڪنول پتي تي ماڪ ڦڙو،
منهنجي جيون جهڙو هو،

پوٽو = پٽ جو پٽ = Grand child

17, Maitri -3A
Adipur - 370 205

قطع (نارايڻ شيام بابت)/ اَرجن حاسد

سڃاڻان تو توکي، سدائين اُڃايل،
ڪڏهن ٻُجھڻي ڪانهي، اِها پياس تُنهنجي،
وسيو بوُند بڻجي هميشه تون آهين،
رُلي برپٽن ۾، اِئين آس تنهنجي!

سڃاڻان مان توکي، سڃاڻي تو هرڪو،
جڏهن ٻي ڏٺوسين، تون چُپ چُپ اڪيلو،
وهي وهڪرن ۾، نہ ڪنهن پار پهچي،
لُڏي لهر تي جئن ڪو ننڍڙو ٻتيلو!

تڏهن ٻي الڳ تنهنجي آهي سڃاڻپ،
ستارن جي جهرمٽ ۾ جئن چنڊ هڪڙو،
هوائن سان ڪيڏيون تو ٻالهيون ڪيون تي،
وڻن ۽ پنن سان جڙيل تنهنجو من هو!

اسان ڪين توکي هو جاچيو پروڙيو،
لنگهئين تون جتان، راھ بڻجي پئي سا،
ڪڏهن باک جي تون هئين ترورن جيان،
ڪڏهن تيز اُس، چانورو يا دعا ڪا!

463/B, P.O. Sardarnagar,
Ahmedabad - 382475

زبان ڪانئس ڇڻ ڪنهن
ڪسي ورتي هئي.
سمنڊ،
وري ٻولڻ شروع ڪيو.
’غلط کي صحيح ڪرڻ لاءِ
مونکي ڪرڻو ڪجهه ضرور هو
من منهنجي ۾ پيدا ٿيو
روپ ڪالي ماتا جو
ڪالي ماتا،
جيڪا گهرندي آ ٻلِي
منهنجو ڪروڌ وڌندو وِيو
جيڪو محدود صرف مون تائين ڪو نه هئو
اُن ۾ طوفاني هوا
اوڙڪ برسات
چوڏس جي وِيرَ به سات ڏنو
هوُ به ڪاوڙيلَ هئا
ڪنهن عرصي کان.
ڀلا ڪيستائين ڪير
سهي سگهندو اَنياءَ کي!
۽ مان اُٿلي پيس
منهنجو بند ٽٽي پيو
طوفاني هوا ٿي پيئي بي قابو
ڏوڪيندو مان اَڳتي وڌيس
چوڏس جي وير
پاڳل بڻايو لهرن کي
مٿان اوڙڪ برسات
چوڌاري وناش .... وناش
ڏڪجي ويا آلائي واهڻ ڪيڏانهن
لُڙهي ويئون لوڻ جون بيٺاريون
ٿي ويئون جيون نرجيون جون
دِشائون غائب
نياءَ اَنياءَ جو هِي هو ڪهڙو چڪر؟
هاڻ ته منهنجو
خود مون تي ئي وَسُ نه رهيو
قدرت جو مقدار گهٽجڻ لڳو
خبر ناهي ڪيترين لهرون هيون
ڪيترين زندگيون هيون
منهنجي اَشانتيءَ سيني کي
ڪري ڇڏيو شانت.
اُن کي ٻيو ڪهڙو نالو ڏجي؟
هڪ اِنساني اِستتي هئي
سيني لاءِ ساڳي
جنهن ڪنهن ۾ ڪو فرق نٿي رکيو
نه ڌرم ۾ نه ايمان ۾
نه رنگ ۾ نه روپ ۾
نه جيوَ ۾ نه نرجيوَ ۾
مَنُ منهنجو ڌوپجي ويو
مان ماٺ ٿي ويس‘
اِهو ٻڌي ٻالو ڀولو ٻالڪ روئڻ لڳو
سُڏڪا ڀريندي سمنڊ کي گهُورڻ لڳو
سمنڊ به ڏُکي ٿي ويو.
’پر ٻچا، اِن ۾ رڳو
منهنجو ئي ته ڏوهه ڪونهي
صدين کان جنهن پوترتا کي
مان محسوسيندو آيو آهيان
اُن ۾ خلل پوندي ڏسڻ
وس منهنجي کان هو ٻاهر.‘
سمنڊُ،
چُپ ٿي ويو
شايد ٻار کي
پنهنجي گهُور جو
جواب ملي ويو.
پر سندس آواز
پوءِ به موٽي ڪو نه آيو
هوُ اَڃان به شانت هو!

THX-23
Adipur -370205

ڪوتا/اِندرا واسواڻي

سَمنڊُ

سمنڊُ
هاڻي مانٺ هو
ڌرتيءَ تي شانت سمهيل
اَڪيون اَنڪائي آسمان ۾
هڪ ننڍڙو ٻارُ
اوچتو اُٿي نهارڻ لڳو
سمنڊ کي !
نہ ڄاڻ جنهنجون ڇوليون
ڪٿي اُماڻي آيون
سندس پيارن کي !
يڪ ٽڪ نهاريندو ٻاڙ ڏانهن
ڇرڪي ويو سمنڊ.
جنهن انيڪ سوال پڙهيا پئي،
اُن اَبهم جي نماڻن نيڻن ۾ !
اَکين سان اکيون ملائڻ جي
سگهہ ڪو نہ هئي کيس
پر معصوم جي شانتيءَ
اَشانت ڪري ڇڏيو،
سمنڊ کي.
من سندس ۾ هئي لوچ پوچ
جوابن ڏيڻ جي
۽ سِري آيو اُن نردوش ڏانهن
پنهنجو پاڻ کي گنهگارِ سمجهي.
ٻارڙو چپ هئو.
سمنڊ ڳالهائڻ شروع ڪيو،
’ٻچا،
مؤنُ هئس مان سالن جا سال
مريادا پنهنجيءَ کي ڪو نہ ٽوڙيو هئو مون ڪڏهن
هيءُ لهرون،
ڇاتيءَ منهنجيءَ تان لڏنديون
لوڏائيل ٻيڙيون ٽاهي
جياپو ٻڌيون
اَڻ ڳڻت زندگين جون.
رات جي پهر، مهاڻا
هاڪاريندا ٻيڙيون
هوا سان سُر ۾ سُر ملائي جهونگاريندا
ڀري ويندا هئا پنهنجو گذران
پيٽان منهنجي ڳولهي.
ڏيهَنِ، پَرَڏيهَنِ کان،
آمدنيِ روانگيءَ جي واهڻن ذريعي
آباد ٿيو زمين تي اَڏيل هڪ
مها آستان !
مان تہ وسيلو هئس
جيئڻ جو اُنهن واسطي،
جن وسايا وڻ اَچي هن ڌرتيءَ جا !
من جي گهرائي
منهنجي پنهنجي هئي
جنهن جي ڪَلَ ڪنهن ٻئي کي ڪو نہ پئي.
پر نِياءَ اَنِياءَ جا ڌڪ
جيڪي مون سٺا
تِن پيدا ڪري ڇڏيو
وِلوڙ منهنجي من ۾
ڪي غلط صحيح ڪِرتيون
سٺيون مونکان نٿي ويئون
اُپَتِ کَپتِ جا معاملا
مونکان ڏٺا نٿي ويا
آڪروش من ۾ گڏ ٿيندو رهيو‘
ٻي ڏوهي ٻالڪ جون اکيون
اَڃان بہ جميل هيون
سمنڊ تي !

غزل / ڍولڻ راهي

ڇو ڇرڪان ٿو آئيني کان،
روز پڇان ٿو آئيني کان!

١. جڏهن نهاريان آئيني ڏي
لڄي ٿيان ٿو آئيني کان!

٢. ڇڏي ڏنو مون آئيني کي،
مان نه ڇُٽان ٿو آئيني کان!

٣. پاڻ اڳيان ٿي پوان نه پڌرو
تڏهن لڪان ٿو آئيني کان!

٤. سڀ سوڌي چوري نه پڪڙجي
دوُر ڀڄان ٿو آئيني کان!

٥. هونءَ نه ڏکن ٿا مونکان ماڻهو
آءُ ڏکان ٿو آئيني کان!

٦. ڇرڪيءَ وانگر وڙهي عڪس سان
ويڙُ وٺان ٿو آئيني کان!

٧. منهن تي ڪنهنکي ڪٿن سچ چئجي
رمز سکان ٿو آئيني کان!

٨. پنهنجي ڪاري اَڇي هجڻ جي
ساک وٺان ٿو آئيني کان!

٩. پاڇي جان پيڇو نه ڇڏي ٿو
رُسي وڃان ٿو آئيني کان!

١٠. پنهنجي ماضيءَ جا ڏنڊلايل
عڪس گهران ٿو آئيني کان !-

وائي / ڍولڻ راهي

وائي

قول ڪيئه جي ياد ڪجانءِ
او اڇجانءِ!

١. پوپٽ جان اُڏري آءُ، جيءَ ۾
گل جان جايون ڏينديسانءِ، او اڇجانءِ!

٢. تو لئه ٻڻجي رات جي راڻي
وِڪ وِڪ کي واسينديسانءِ، او اڇجانءِ!

٣. سُرها سُرها سواس گلابي،
گهڙيءَ گهڙيءَ گهورينديسانءِ، او اڇجانءِ!

٤. مونکي پتنگ جا عرش اُڏائيج
ڏور مگر ڏاڍي جهلجانءِ، او اڇجانءِ!

٥. تن جون تارون ڇيڙي، من ۾
پيدا ڪجانءِ جهيڻي جهانءِ، او اڇجانءِ!

٦. بدن ٻڻائي سِرڪنڊ - سيجا
وارن ساڻ ڍڪينديسانءِ، او اڇجانءِ!

٧. ميڻ بتيءَ جان رِجندي رِجندي
جيءَ کي جرڪائينديسانءِ، او اڇجانءِ!

٨. ول جان وڪڙي، جيءَ سان جڪڙي
ساهه اندر سانڍينديسانءِ، او اڇجانءِ!

٩. سِپَ جان سانڍي بوند پيار جي
ملڙا موتي ڏينديسانءِ، او اڇجانءِ!

١٠. ڪيڏيون ڳالهيون سانڍيم تولئه
ساري رات سلينديسانءِ، او اڇجانءِ!

6. Sawar House
Srinagar Road, Ajmer - 305008

غزل/لڪشمڻ ڏُبي

هر جڳهه آدمي، بي شمار آدمي،
پوءِ به تنهائين جا شڪار آدمي!

پياس ۾ ٿَڪَ ڀري ڌرتتيءَ راهه تي،
ٿورڙا ئي مليا آبشار آدمي!

ڪجهه نه موجودگيءَ جو مزو پڻ ولي!
ياد جي ڍوئي ڪيسين مزار آدمي!

جرم ۾ ايترا مبتلا ٿي ويا
يا ٿيا گُم شُدا يا فرار آهي!

ڪي ڇڏي تخت ۽ تاج عاشق بڻيا
ڪي عياشي بڻيا تاجدار آدمي!

حرص جي هوڏ ۾ هيسيل منهن لٿل
ڏس نه ويچارڙا شرمسار آدمي!

يا نه ميڪشي ڪندا يا ڪندا شاعري.
ٻيو ڀلا ڇا ڪندا بي قرار آدمي!

سڪ سندي ڇانو لئه تڙپندائي ڏٺم
هي حسابي ۽ هوشيار آدمي!

ڳولهجي ڇو ڪٿي اڄ اُها اصليت،
ڪوڙ جا ئي بڻيا اِشتهار آدمي!

'لڪشمڻ' ڇو ڪجي ايترو پيار جو
تين محتاج ۽ طلبگار آدمي!

86/D, Guru Nanak Society,
Thane (E) - 400 603

غزل /پيتامبر جوڌاڻي

(۱)

هرڪو ٿي پيو آهي پنهنجو
مان نه سمورو آهيان تنهنجو

ڊوڙي ڊوڙي مان سهڪان ڇو
اڱڻ ۾ آ سڀ ڪجهه سهنجو

هرڪنهن جو دک روئي ڪُوڪي
گانا ڳائي دکڙو منهنجو

ڇو پيو گوڙ مچي مندر ۾
پرڀو چپ چپ ٿيو هرڪنهنجو

ناهي ڪوئي اونچو نيچو
مالڪ هڪڙو ساڳيو جنهنجو

(۲)

هن ڪي هُن ڪي ڪيئن ڇا چئجي
ڪنهن جي وچ ۾ اصل نه پئجي

ڪوڙ سکيو آ پيار جا گانا
سچ جي شل اڄ رهجي اڇجي

ڪپڙا سڀ جا ڌوبيءَ ڌوئل
ڪپڙن جي هيٺان ڇو ڏسجي

يار ڪي ڇو بي شرم ڪجي
وڏڙي جي ڇو ڳالهه ڪي ڪٽجي

اندر هرڪنهن جا نازڪ هِن
ڇمڙي پنهنجي موٽي رکجي

3-C-G (74-c) Vijay Nagar,
Indore (M.P.) 452010

سمرتيون/هري دلگير

سنڌي ساهتيہ جو هڪ لڪل لال

فتح چند منگترام واسواڻي

فتح چند ٻين ٻولين تان ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهي پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ لکندو هو، جو سچ پچ ترجمو ڪو نہ هوندو هو. انهن ۾ هو خوب جوڙ ڪٽ ڪندو هو. انگريزيءَ ۾ اهڙين رچنائن کي Transereation جو نالو ڏنو اٿائون. فتحچند اهڙا اٽڪل ٻہ سؤ ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ناول لکيا پر سرڪاري نوڪريءَ جي مجبوريءَ ڪري هو انهن رچنائن تي پنهنجي نالي بدران پنهنجي پياءُ ميلارام جو نالو لکندو هو. هُن جي جاري ڪيل سندر ساهتيہ ماهوار رسالي ۾ اهي رچنائون ۱۹۲۴ کان باقاعدي هر مهيني ظاهر ٿينديون هيون.

اٽڪل سٺ سالن جي ڳالهہ آهي. شايد ۱۹۳۷ يا ۱۹۳۸ جو سال هو. مان ڪراچيءَ جي انجنيرنگ ڪاليج ۾ وديارٿي هوس ۽ اونهاري جي وئڪيشن ۾. لاڙڪاڻي سنڌ ۾ پنهنجي گهر ۾ رهيل هوس. هڪ ڏينهن، مان پنهنجي ملاقاتي ڪمري ۾، ٻاهريون دروازو کولي، اڪيلو ويهي ڪتاب پڙهي رهيو هوس تہ هڪ بزرگ، جو مونکان ٻاويهہ ٽيويهہ سال وڏو هو، دروازي تي لڪ لڪ ڪري اندر گهڙي آيو. ٻُت ۾ پورو پنو، عام قد، مون جيڏو، ساڍا پنج فوٽ. ساديءَ پئنٽ ۽ ساديءَ شرٽ ۾، هٿ ۾ لڪڻ سان. هونءَ تہ هو هر طرح عام انسان هو، پر سندس اکين ۾ جوت هئي. اهڙي ساڳي ئي جوت مان سائين ڪشنچند بيوس جي اکين ۾ ڏسندو هوس. پنهنجي واقفيت ڏيندي چيائين، 'منهنجو نالو فتحچند واسواڻي آهي ۽ مان توسان ملڻ آيو آهيان'. مون نالو ٻڌي چرڪ پريو، جو سائين بيوس مونکي هن بابت گهڻو ئي ڪجهہ ٻڌايو هو ۽ نوڙي کيس پيرين پيس. مون ٻڌو هو تہ ڪشنچند بيوس جا ڪتاب ڇپائي، هُن کيس خوب مشهوري ڏني هئي، جنهنڪري بيوس کي سنڌ جو پهريون نمبر شاعر ڪري ليکيو ويندو هو. غريب ماستر بيوس، پنهنجو ڪوئي ٻہ ڪتاب هرگز پاڻ ڇپائي نہ سگهي ها ۽ شايد گمناميءَ جي گوشي ۾ گُم ٿي وڃي ها.

فتحچند، سندر ساهتيہ، سنڌيءَ جي مشهور ماهوار رسالي جو هرتا ڪرتا هو، توڙي

:نها / گهنشيام ساگر

ضمير مُئو تہ بُکَ وڌِي، ۽ پَرَ ڪيا حياوَ.

سياست ۾ ڪرسي نفعو، سيڙپَ نوٽَ ۽ ووٽَ.

چوڙ ڏئي ٿو شاهدِي، خوب خبيثي راڄُ.

سَموڪلي اُپُ عُمرِ جو، گويا جيٽ - جهازُ.

نيتا نِتُ آڪاسَ ۾، سوڪ هجي يا ٻوڏ.

ڪڏهن اسان گولا گڏهہ، واهہ جندڙيءَ جو موهہ.

ڏرم جي ماءُ

واسنا ڦٻائي ڪتي ڪان
لِڪي لِڪي
انساني هڏائين پڃري ۾
هوُ ڇتو بڪايل بگهڙ
چڪ پائيندي ڪلي عام
ڪري وينو شڪار اڀوڄهہ اٻلا جو ڪڏهن
۽
ڪڏهن ڪنهن صغير
معصومڙي جو پڻ
ڇڇرجندي/چيرجندي فريادون بلاتڪار جون
ڪن پيون ڪوُڙيون ڪوڪوُن
سرڪاري دروازن تي
جتي ٻوڙا 'دلال جج'
سورداس 'گونگيون ڪورٽون'
مصروف آهن اول ٿي
حوسي - خانگي مجلس ۾
ظاهر ڪندي ڪندي
فتوئٰ کي
گنهگار جي پياري پياري
ڏرم جي
پهرين ماءُ.

B.97, Kubernagar
Ahmedabad-382340

ڪوتا/ گوپال نڪر

جنگ جو پکي

هُن پار وري بم گولن جا ڌماڪا
اڄ وري
شيام ۽ اَياز ياد آيا
اوشواس جي اک ٻاڙهي آ
وشواس جي اک ۾ پاڻي آ
ياونائون شرط پڇائين ٿيون
Loc جو اُلنگهن ڪلي عام
رشتن جي لاءِ صدائون
لاشن جا ڍير
شرڌانجليون
او شيام
او اَياز
ڪين سمجهہ بخشيو
هو اسمجهہ آهن.

11, Colombia
Damink Road, Bandra
Mumbai -5

مونکي حد کان وڌيڪ گھڻي خوشي ٿي ۽ سوچيم تہ هي مھاپرش مون تي بہ ساڳي ڪرپا درشائي ڪرڻ ٿو چاهي. سچ پچ ٿيو بہ ائين. هن مونکي چيو 'هري، مان تنھنجون ڪوتائون بہ ساڳي نموني ڇپائڻ ٿو چاهيان، جھڙيءَ طرح بيوس جون ڇپايون اٿم. هر مھيني سندر ساهتيہ رسالي ۾ تنھنجي شعر جا چار صفحا ڇپايا ويندا ۽ تنھنجي ڪتاب جو نالو ٿيندو 'ڪوڏ'. تون مئٽر تيار ڪري مونڏي موڪل، جنھن مواد مان، مان پنھنجي پسنديءَ جون ڪوتائون چونڊي ڇپائيندس.'

اجھو ائين منھنجي پھرين ملاقات ڀائو فتحچند سان ٿي ۽ مان ڪيس ڀائو ڪري سڏڻ لڳو هوس. جلد ئي مان هن جي دلنواز ويجھي صحبت مان فيضياب ٿيڻ لڳس. هن جو اتساهہ امنگ بلڪل چٽو هوندو هو. ڪيس درويش جي دل ۽ ڪلاڪار جي اک عطا ٿيل هئي. هن جي قلم ۾ سنڌي ٻوليءَ جي شيريني سمايل هئي. جي منھنجي ڪويتا ۾ ڪو لفظ ڀانءِ نہ پوندو هوس تہ منھنجي ڌيان تي آڻي مونکان سڌارائي ڇڏيندو هو. اهڙيءَ طرح منھنجين ڪوتائن جو پھريون مجموعو 'ڪوڏ' ڏاڍي شد مد ۽ ڪيترين وڻندڙ تصويرن ۽ سٺيءَ گيٽ اپ سان شايع ٿيو. اُن ۾ بہ چتر منھنجي ڌرمپتني نانڪيءَ جا، ٻہ اُن وقت جي اُسرندڙ ڪلاڪار ڪرپالاڻيءَ جا هئا ۽ ٻيون بہ ٻہ تصويرون هيون. اسي صفحن جو ڪتاب، ڇھ سٺيون تصويرون ۽ قيمت ڪل ٻارهن آنا (۷۵ پئسا).

ڀائو فتحچند جو ٻارن سان بيحد گھڻو پيار هوندو هو. ان ڪري هن ۱۹۳۷ يا ۱۹۳۸ ۾ (مون سان ملاقات کان پوءِ) 'گل ڦل' ٻارن لاءِ با تصوير رسالو شروع ڪيو. ڇا تہ مزو هوندو هو ان گل ڦل رسالي ۾. ٻارن لاءِ ڪھاڻيون ۽ انھن لاءِ چتر الائي ڪٿان ڪٿان هٿ ڪندو هو. ٻال ڪوتائون اڪثر بيوس سائينءَ ۽ منھنجون هونديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ليکراج عزيز ۽ ٻين جون بہ هونديون هيون. ڪوتائن لکڻ لاءِ ڀائو مونکي خوب همٿائيندو هو. بيوس سائينءَ کي بہ پڪ ئي پڪ هو اتساهہ ڏيندو هوندو. جي ڀائو نہ هجي ها تہ مان شايد ٻال ڪوتائون لکان ئي نہ ها، يا گھٽيون گھٽ لکان ها.

منھنجي ڪتاب 'ڪوڏ' جي ڇپجڻ جو سلسلو جاري ئي هو تہ بيوس، دلگير ۽ عزيز جي ٻال ڪوتائن جو گڏيل مجموعو 'موجي گيت' ڪيترين تصويرن سان ۱۹۴۱ ۾ ظاهر ٿيو، جنھن ۾ ۱۴ ڪوتائون بيوس جون، ۴ ڪوتائون دلگير جون ۽ ۱ ڪوتا عزيز جي هئي. اهو ڪتاب هٿئون هٿ خلاص ٿيو. شايد هڪ يا ٻہ ڇاپا ٻيا بہ ظاهر ٿيا. هتي ڀارت ۾ بہ ان ڪتاب جا ٻہ ڇاپا نڪتا آهن.

اڃا منھنجو ڪتاب 'ڪوڏ' ظاهر ئي ڪو نہ ٿيو تہ ڀائو مونڏي هڪ هندي نثر ۾ لکيل ڪتاب 'هرشچندر ڪٿا' کڻي آيو جنھن ۾ ست اٺ رنگين تصويرون بہ هيون. ڀائوءَ کي خبر هئي تہ مونکي هندي پڙهڻ ڪانہ ايندي هئي، پر تڏهن بہ مونکي چيائين تہ هنن تصويرن جي آڌار تي هرشچندر تي لنبي ڪوتا لکان . مونکي نئين ڪتاب لکڻ جو موقعو مليو تہ مان خوشيءَ ۾ ڀرجي ويس. مان اڃا ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ۽ وئڪيشن ۾، ڪراچيءَ مان لاڙڪاڻي ۾ آيل هوس. مان ڪتاب لکڻ ويٺس تہ هرروز ڪلا سوا جي حساب سان، ٽن هفتن ۾ پورو ٿي ويو. ڪتاب ۾ ۷۲۰ سٽون هيون. ان ڪتاب جو مھاڳ سائين بيوس لکيو، جنھن ۾ هُن مون لاءِ لکيو تہ هري دلگير ڪوتا ڪيتر ۾ پنھنجي حقي عمر کان ويھہ سال وڌو ٿو ڏسڻ ۾

سرڪاري نوڪريءَ جي ڪري، نالي ۾ سمپادڪ
هڻ جو ننڍو ڀاءُ ميلارام هو. سندر ساهتيه نهايت
ئي سستو ۽ لوڪپريه رسالو هو. هر سال ٻارهن رسالا
۽ هڪ انعامي ڪتاب به ملندو هو. اِهو سڀ ڪجهه
مونکي بيوس سائينءَ ٻڌايو هو.

فتحچند اردوُ، هنديءَ ۽ ٻين ٻولين تان
پڙهي، سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون ۽ ناول پنهنجي رنگ
ڍنگ سان پيش ڪندو هو. هر مهيني چاليهه يا
پنجاهه صفحا ڇپائي، هو پنهنجي ڀڄڻ ٻوليءَ
۾، اصل مواد ۾ خوب جوڙ ڪٽ ڪري سنڌين کي
ساهتيه سواد وٺائيندو هو. سندس لکيل ڪهاڻيون
ترجمو نه هونديون هيون. پر هوُ انهن ۾ ڪيترو
پنهنجو مال مصالحو به جوڙيندو يا ڪاٽيندو هو.
ان قسم جي رچنا کي انگريزيءَ ۾ Transereation
جو نالو ڏنو وڃي ٿو، يعني اڌ ترجمو ۽ ڪجهه اصلي
مواد. مان جيڪر سنڌيءَ ۾ 'رچواد' جو نالو
ڏيان. رچنا مان رچ ۽ انواد مان واد. ٻنهي جو جوڙ
ٿيو 'رچواد'.

ماهوار سندر ساهتيه جو ساليانو چندو، ٽپال
خرچ سميت ڏيڍ روپيو هوندو هو. اُن جو ڪاپو ٽن
هزارن تائين وڃي پهتو هو. اهو رسالو ۱۹۲۴ ۾
شروع ٿيو هو. ۱۹۲۸ کان فتحچند هر مهيني چار
صفحا بيوس جي ڪوتا جا ڏيندو هو ۽ باقي
چاليهارو صفحا ڪهاڻين جا هوندا هئا. بيوس جي
ڪوتائن جون هزار ڪاپيون وڌيڪ ڇپائيندو هو،
اهي ۱۹۲۹ ۾ ملائي هن 'سامونڊي سپون' ڇپايو،
جو بيوس جو پهريون ڪتاب هو. اهڙيءَ طرح بيوس
جون ڪوتائون ڇئن هزار گراهڪن تائين پهچي
ويون ۽ بيوس جو نالو گهر گهر ۾ مشهور ٿي ويو.

فتحچند پنهنجين ڪهاڻين ۽ ناولن ۾
منشي پريمچند، سدرشن، بنڪم بابو، شرت
چندر، اُپيندرناٿ اَشڪ، مکن لال سين وغيره کي
سنڌيءَ ۾ آڻڻ پسند ڪندو هو. منشي پريمچند
سان سندس خط پٽ جو به رستو هوندو هو.
گجراتيءَ مان به ڪي ڪهاڻيون ڪنيائين. جن
ليکڪن جون ڪهاڻيون ڪنيائين، انهن مان رمڻ
لال ۽ وسنت لال ديسائيءَ جا نالا ياد اچن ٿا. سندر
ساهتيه پاران ڪيترا شاهڪار ناول ظاهر ڪيا ويا
جن مان ڪرم ڀومي (چوٿون ڇاپو - ۱۹۶۳)، آگري
جي ٻانهي (ڇاپو ٽيون - ۱۹۵۸)، مغل رنگ محل
(۱۹۳۸)، ست ڀاما (۱۹۴۵)، رڪمڻي (۱۹۳۱)،
شواجي، راٺو پرتاب (ڇاپو پنجون - ۱۹۵۳)،
گئودان - ڏکي هاري (۱۹۴۲)، راجا اشوڪ،
انارڪلي (۱۹۳۹)، پرٿويراج (۱۹۴۲)، سشيلا
(۱۹۴۵)، پورنما (۴۷-۱۹۴۶)، جئه راجستان ۽ نند
ڪمار کي ڦاسي مشهور ٿي ويا.

سندر ساهتيه جا ڪتاب هندستان پريس ۾
ڇپبا هئا. رسالي جا ڇپيل پنا فتحچند ۽ ميلارام
گهر ۾ ڪٺي ايندا هئا جتي بائينڊنگ (جلد ٻَڌَڻُ)
جو ڪم هي ٻئي ڀائر ڪندا هئا ۽ اُتان ئي
گراهڪن ڏي ڪاپيون موڪليون وينديون هيون.

'سامونڊي سپون' کان پوءِ سندر ساهتيه
پاران بيوس جو شيرين شعر (۱۹۲۹) به شايع ٿيو،
جو هٿئون هٿ خلاص ٿي ويو. اهو ڪتاب مان
۱۹۳۰ ۾ چوٿين انگريزي (اڄ جي ائين درجي)
۾ پڙهندو هوس، پر اڄ ڪلهه اهو ڪتاب ڪاليجن
۾ پڙهايو وڃي ٿو. سندر ساهتيه پاران بيوس جا
ٻيا ڪتاب جيڪي شايع ٿيا سي هئا انڊلٺ (ڪل
ست نانڪ، ڇهه بيوس جا، هڪ ڊڪايل جو)، ۽
گرونانڪ جيون ڪوتا.

سو، هي ساڳيو فتحچند هو، جو ٻاڻ
منهنجي گهر ۾ گهڙي آيو هو. هن کي ڏسي

SRC ۾ جنرل مئنيجر آهي. ڪملا پنهنجي بابا فتحچند جي ورسي، هر سال پريم ۽ شرڌا سان ملهائيندي آهي. هوءَ چوي ٿي تہ بابا سندس پيءُ ئي نہ، گرو بہ هو. ڪملا جي شادي بہ هن ڪرائي ۽ ڪنيادان جو پُڃ ڪمايائين. پوني ۾ مون سان ڊاڪٽر بجلاڻي مليو تہ هن جي ڊرمپٽني سڪيءَ مونکي ٻڌايو تہ ڀائو فتحچند هن کي ڊرم جي ڏيءُ ڪري ليکيندو هو.

۱۹۳۴ ۾ ڀائوءَ وديارٿين لاءِ هڪ با تصوير درسي ڪتاب 'جوهر نثر' جو دستخط تيار ڪري سنڌ سرڪار ڏي قبوليت لاءِ موڪليو هو ۽ اُن جي قيمت ڏيڪاري هئي هڪ روپيہ (ڪتاب جي هرهڪ ڪاپيءَ لاءِ). اُن وقت ڀائوءَ کي پئسي جي ڏاڍي تنگي هئي، جو سڳي ڀيڻ جسوتيءَ جي شاديءَ لاءِ رقم کپندي هئس. گهر ۾ پئسو موجود ڪو نہ هو ۽ شادي بہ ترت ڪرائڻي هئي. پر ڀائوءَ کي هڪ ازغيبي وشواس هو تہ ڪٿان نہ ڪٿان مدد اچي سهڙندي. جڻ تہ ڀائوءَ جي وشواس شڪتيءَ کي ساڪار بڻائڻ لاءِ، اُن وقت پوڪرداس ائنڊ سنس وارو سنڌي ڪتابن جو مشهور پبلشر ڀائوءَ وٽ آيو ۽ کيس صلاح ڏنائين تہ جوهر نثر ڪتاب جي قيمت-ڏيڍ يا ٻہ روپيا سرڪار ضرور قبول ڪندي ۽ توهان اهڙي درخواست موڪليو. وڌيڪ کيس چيائين تہ ڪتاب جي وڪري جا سمورا حق واسطا کيس ڏنا ويندا تہ هوُ ڀائوءَ کي سلي رقم اجوري طور ڏيندو. ڀائوءَ کي اهي ٻئي صلاحون وڻيون. سرڪار، ڪتاب ۾ صفحن جي حساب سان ڪتاب جي قيمت وڌائڻ قبول ڪئي ۽ پوڪرداس ائنڊ سنس کي حق ۽ واسطا بہ مليا. رايلٽيءَ جي رقم ڀائوءَ کي ملي تہ سندس ڀيڻ جي شادي بہ سک سان ٿي گذري.

هڪ دفعي هڪ انشوئرنس ايجنٽ ڀائوءَ وٽ آيو، سندس لائيف انشوئرنس بابت. هُن ڀائوءَ کي چيو تہ جي هو پنهنجي جيون انشوئر ڪرائيندو تہ هوُ اُن جي عيوض سندر ساهتيہ ۾ سٺو اشتهار ڏيندو. پر ڀائوءَ انڪار ڪندي چيو تہ انشوئرنس ڪرائڻ معنيٰ ايشور ۾ اوشواس. ڪيترا شايد هن ويچار سان سهمت نہ بہ ٿين، پر مون بہ ڀائوءَ جي اثر هيٺ پاڻ کي انشوئر نہ ڪرايو آهي.

هڪ دفعي هوُ شهر جي پريان گدو بندر طرف گهمڻ ويو. اُتي هڪ مست مسلمان درويش ڏٺائين. ڀائوءَ هٿ جوڙي هُن اڳيان هڪ روپيو نذراني طور رکيو، جو ڪٽي، درويش پري ڦٽي ڪري ڇڏيو. ڀائوءَ اُتي اُهو سڪو کنيو ۽ هٿ جوڙي فقير کان اهو سڪو قبول ڪرايائين. فقير چيو تہ روپيو ايمان سان ڪمايل آهي، ان ڪري قبوليان ٿو. ڀائو پنهنجي غريباڻي حيثيت آهر گپت دان ڪندو هو. دان ڏيئي اُها ڳالهہ وساري ڇڏيندو هو. هوُ اها ڳالهہ سدائين ياد رکندو هو تہ پنهنجو پڇ ظاهر ڪرڻ سان ان جو پرتاب اڌ ٿي وڃي ٿو ۽ ڦل گهٽ ملي ٿو.

ڀائو صبح جو سوير، سڄ اڀرڻ کان ڪافي اڳي اُٿندو هو. عام سنڌي هندو گيتا يا جپ صاحب جو پاٺ ڪندا آهن، پر ڀائو شاهہ جا بيت گنگنائيندو هو. 'جيڏو تنهنجو نانءُ، ڀاڄهہ بہ اوڏيائي مڱان' يا 'سَتُر ڪر ستار، آءُ اگهاڙي آهيان'، وغيره. شاهہ جي بيتن سان هو ڪبير جا دوها بہ پريم سان ڳائيندو هو. خاص ڪري هيءُ دوهو کيس ڏاڍو پيارو لڳندو هو :

ديهہ ڌري ڪا گُن يهي، ديهہ ديهہ ڪُڇ ديهہ
داس ڪبيرا ديهہ تو، جب لگ تيري ديهہ.

آچي. اهو ڪتاب ڀائوءَ ڏاڍي شوق سان ڇپايو. ۴۸ صفحا، تمام اوچو پنو، هرهڪ صفحي تي ڳاڙهي رنگ جي بارڊر ۽ ٺُلهي ڪاري ٽائيپ. اُن سان گڏ ۶ رنگين تصويرون. قيمت ڪل اٺ آنا (پنجاهه پيسا). ڀائوءَ مونکي ٻڌايو تہ ۱۵۰۰ ڪاپيون ڏيڍ مهيني ۾ هٿئون هٿ خلاص ٿي ويون.

اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ سرڪار جي پاران 'سنڌي ادبي بورڊ' قائم ڪيو ويو هو. مونکي پهرين سال 'هرشچندر جيون ڪٿا' تي انعام مليو ۽ ٻئي سال 'ڪوڏ' تي. سنڌي ادبي بورڊ مان انعام مليم تہ منهنجو نالو سنڌ جي سٺن شاعرن ۾ داخل ٿي ويو. مونکي شاعر بڻايو مَنهنجن رهبرن سائين ڪشنچند بيوس ۽ استاد نواز علي جعفري نياز، پر مونکي مشهوري ولي ڏني ڀائو فتح چند. اُن ئي وقت، هن بيوس جي ٻال گيتن سان منهنجا بہ ڪي گيت موجي گيت ۾ شايع ڪرائي مونکي وڏو مرتبو ڏنو. ڪتابن تي انعام جي رقم شايد سؤ سؤ روپيہ هئي. اها رقم مان ڀائوءَ ڏي کڻي ويس ۽ چيو مانس تہ هيءَ رقم توهان کڻو ڇو تہ پبلشر توهان آهيو ۽ انعام شايد ڪتابن جي سهڻيءَ گيٽ اپ ڪري مليو آهي. ڀائوءَ منهنجي پٺي ٺپري ۽ چيائين 'انعام گيٽ اپ تي نہ، ڪوتا تي مليو آهي.' اهڙو هو ڀائو فتحچند، جنهنجا ٿورا مان هرگز ڀلائي نہ ٿو سگهان.

ڀائو فتحچند جي پتا جو نالو هو (ديوان) منگترام. سندس جنم لاڙڪاڻہ ضلعي جي ڳوٺ بنگلديري (تعلقو رتو ديرو ۾) ۲۲ جون ۱۸۹۴ ۾ ٿيو. اهو ڳوٺ لاڙڪاڻہ کان ڏهہ ٻارهن ڪلوميٽر دور آهي. مئٽرڪ امتحان پاس سان، ايس ٽي سي (STC) بہ پاس ڪري، هو انگريزي اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ لڳو. هو پنهنجي پتا جو وڏو ٻار هو. کيس ٽي ڀائر ميلارام، خوبچند ۽ ديارام ۽ هڪ ڀيڻ جسوتي هئي. هن جي شادي خيرو ديري ڳوٺ مان ٻجلاڻي فئمليءَ مان، لڇميءَ سان ٿي، جنهنجو سؤٽ چيلانند ٻجلاڻي، سنڌ ۾ پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو.

ڀائوءَ ماستريءَ جي نوڪري ٿورا سال شوق سان ڪئي، پر پوءِ سنڌ ۾ سکر براج جو ڪم شروع ٿيو، جتي هن کي ڪچي نوڪريءَ ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. اُتي انڪل چاليهہ روپيا ماهوار پگهار هيس. اُنهن ڏينهن ۾ چاليهہ روپيا پگهار بہ ننڍي ڳالهہ ڪانہ هئي. شايد ۱۹۲۰ ۾ هڪ روپيہ جو ملهہ، اڄ جي سؤ روپيين جو هوندو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ براج ۾ ڪچي نوڪري ڇڏي، ۱۹۲۴ ۾ حيدرآباد سنڌ جي لئنڊ ريوينيو ڊپارٽمينٽ ۾ وڃي هيڊ ڪلارڪ ٿيو، جتي سڄي سنڌ جو لئنڊ رڪارڊ رکيل هوندو هو. ڀائو انگريزي لکپڙهہ (drafting) ۾ هوشيار هو ۽ هن کاتي ۾ نالو ڪڍيائين. مونجهاري وارا معاملا، هو پنهنجي drafting سان حل ڪري جَسُ کڻندو هو.

جيئن هو حيدرآباد ۾ آيو، تيئن هُن ۱۹۲۴ ۾، پنهنجي ڀاءُ ميلارام جي مدد سان ماهوار 'سندر ساهتيہ' رسالو شروع ڪيو ۽ اُن جو سمپادڪ بہ ميلارام ئي ٿيو، جو هندستان پريس ۾ ڪم ڪندو هو.

ڀائوءَ کي ٽي پٽ ڄاوا. وڏو ريوو (۱۹۱۹) ۽ ننڍو تيرٿ (۱۹۲۷) اڃا حيات آهن ۽ آديپور ۾ رهندا آهن. وچون پٽ ننڍي هوندي ئي سرڳواس ٿي ويو. ڀائوءَ کي ڌيءُ جي اولاد ڪا نہ هئي. ان ڪري هن پنهنجي ڀاءُ ديارام جي سهڻي سڀاجهڙي ڌيءُ ڪملا (جنم ۱۹۳۸) کي پنهنجي ڌيءُ سمجهي پيار ڏنو. خوش قسمتيءَ سان ڪملا بہ هاڻي آديپور ۾ آهي. سندس گهوٽ گرل ڇڳاڻي

همائڻ وٺي ويندو هو. ڀائو چوندو هو تہ ڪنهن ، ڪاميابيءَ لاءِ تندرستي ضروري آهي. ڏُرست ن کان سواءِ من جو درست ٿيڻ بہ ذرا مشڪل هي. پنهنجي تندرستيءَ جي خيال کان هو مرچن صالحن کان ڪنارو ڪندو هو. ميوي سان محبت وندي هيس . هڪ دفعي نونهن (ڀهوُ) چيس تہ ازار مان سبزي وٺي اچو پر ڀائو پنهنجي موج ستيءَ ۾ هو. هوُ سبزيءَ بدران وٺي آيو بہ پپيتا!

ڀائوءَ جون بہ نونهرون (daughters-in-Law) ونڪي ٻڌائن ٿيون 'اسان ههڙو سلو سهرو ڪڏهن ہ ڪٿي ڪو نہ ڏٺو آهي.' هو ڪين لڪائي خرچيون ڏيندو هو. هن ٻارن کي ڪڏهن بہ چماٽ نہ هنئي. ھُن جي دل ۾ استري جاتيءَ لاءِ آدر هوندو هو. استريءَ تي لکيل منهنجون (دلگير جون) ڪوتائون پڙهندو هو تہ دل کولي شاباس ڏيندو هو.

ھُن جي ڏيءَ (ڀائٽي) ڪملا، جنهن کي هنُ ڏيءَ ڪري پاليو هو ۽ شادي بہ ڪرائي هئي، ٻڌائينم ٿي تہ ههڙو آدرشي پتا شايد ئي ڪو هوندو. حيدرآباد (سنڌ) ۾ هو هر روز ڪملا کي ڦليلي واہ تي گهمائڻ لاءِ وٺي ويندو هو. جڏهن ڪملا ڇهن سالن جي هئي تہ سندس اسڪول ۾ سندس ماستر گفتو ڪڍيو تہ 'ماستر جي پُٽ، چوڪرن جي جُٽ' ڪملا پڇيو 'بابا، ان جو مطلب ڪهڙو.' ڀائوءَ چيو مطلب تہ صاف آهي تہ جڏهن ماستر ڪلاس ۾ نہ هوندو آهي تہ شيطان ٻار ڪلاس مٿي تي کڻي ڏيندا آهن ۽ ايڏو تہ گوڙ شور ڪندا آهن جو ٻيا ڪلاس بہ ڪم نہ ڪري سگهندا آهن. هڪ دفعي ڪملا ڪنهن نانگ جي وات ۾ ڏيڏر ڏٺو تہ وات مان دانهن نڪري ويس. ڀائوءَ چيس تہ نانگ ڏيڏر جو ڪال آهي. وري بہ چار ڏينهن رکي، ڪملا ڏٺو تہ هڪڙي هِل (سِرڻ يا Kite) نانگ کي چنهنب ۾ کڻي ويئي. ڪملا ڀائوءَ کي ڏيکاريو تہ ھُن چيس تہ هِل نانگ جو ڪال آهي. هر ڪنهن کي ڪال جو ٻَڪُ ٿيڻو پوندو آهي. ڪملا پڇيس تہ پوءِ بابا، مان بہ مري ويندس، توهان بہ مري ويندا. ڀائوءَ چيو هائو سڀني کي مرڻو پوندو. پر مرڻ کان پوءِ ٻئي سنسار ۾ وڃبو آهي. جتي روشني ۽ پيار آهي. مرڻ کان ڊڄڻ نہ گهرجي.

ڀائوُ شاعراڻي طبيعت وارو انسان هو. اڪيلائي پسند ڪندو هو ۽ پاڻ سان پاڻ ويهي ائين ڳالهيون ڪندو هو، ڄڻ تہ ڪوئي ساڻ ويٺو اٿس. ان ڪري تہ اردو شاعر موهن لکيو آهي :

توُ ميري پاس هوتي هو گويا
جب ڪوئي دوسرا نهين هوتا.

عام ماڻهو مشهوريءَ ۽ فوٽي ڪڍائڻ جا شائق هوندا آهن. پر ڀائوءَ ڪڏهن بہ پنهنجي فوٽي ڪڍائڻ لاءِ رضامندي ڪا نہ ڏني. هڪ دفعي ڪنهن ٻار سان گڏ بيلو هو تہ ڪنهن ماڻهوءَ ٻار ۽ ڀائوءَ جو فوٽو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڀائوءَ ڪئميرا کان منهن ڦيري ڇڏيو!

ڀائو ڀارت ۾ آيو تہ ھُن جي واقفيت ڪرشن ڪرپالاڻيءَ سان ٿي، جو ساهتيہ جو پارکو هو ۽ ڪيس هن لکل لعل جي مٽيا جو پتو هو. ڪرشن ساهتيہ اڪادميءَ جو سيڪريٽري ۽ پوءِ اُن جو فيلو بہ ٿيو. هوُ نئشنل بوڪ ٽرسٽ جو چيئرمن بہ ٿيو ۽ پارليامينٽ جو ميمبر بہ ٿيو هو. هن ڀائوءَ لاءِ خوب آدر ڏيکاريو. ڪانگريس جو وڏو نيتا آچاريہ ڪرپالاڻي بہ هن کي سڃاڻندو هو، پر هو پنهنجي ديش شيوا ۾ مشغول هو. هن جي چوڻ تي سندس ڌرم پتني سچيتا ڪرپالاڻي (جا پوءِ اترپرديش جي چيف منسٽر بہ ٿي) ڪرشن ڪرپالاڻيءَ سان گڏجي ڀائوءَ کي خوب مدد ڪئي. ڪيس ساهتيہ اڪادميءَ مان ترجمي ڪرڻ جو ڪم وٺي ڏنائين.

ارٿ : ديھ ڏارين جو، ھر پراڻيءَ جو ڏرم آھي تہ سدائين ڏيندو رھي. جيستائين ھيءَ ديھي آھي تيستائين ڏيندو رھي.

تنھن ڪانسواءِ گھمندي ڦرندي ھو بيوس جي ڪوتا 'تون بہ رھ مان پيو رھان' جون ڪجھ سٽون ۽ دلگير جي ڪوتا 'ڇڏ مونکي سکي منھنجي لئہ موھن ٿو نھاري، جمنا جي ڪناري.' بہ گنگنائيندو ھو.

پائو ھيڊ ڪلارڪ مان مختيارڪار يعني معاملتدار بڻيو تہ نوڪريءَ جون جوابداريون وڌي ويس، پر پائوءَ پنھنجو ادبي ذوق ۽ شوق جيئن جو تيئن قائم رکيو. سنڌ ۾ مختيارڪار جي عھدي واري ماڻھوءَ لاءِ لالچون ۽ رشوتون بہ خوب ھيون. چاھي ھا تہ بي ايمانيءَ سان خوب ڪمائي سگھي ھا، پر ھوُ ايمانداريءَ جو دامن زور سان پڪڙي بيٺو ۽ لالچ جو شڪار نہ ٿيو. ھن بنا ڪنھن ڏيک ويک جي، جيون ۾ پگھتيءَ ۽ نشڪام ڪرم سان پاڻ کي جوڙي ڇڏيو ھو. ھوُ لاطمع درويش ۽ صوفي عقيدن وارو اعليٰ انسان ھو.

سنڌ ۾ مختيارڪار ڪنھن ڳوٺ ۾ منزل ڪندو ھو تہ چيلا ڪُسجي ويندا ھئا، مڇيون پلا مرغيون ۽ بيدا اچي ويندا ھئا. پر پائوءَ کي اھي ڳالھيون ھرگز پسند ڪو نہ ھيون. ٽنڊي الھيار ۾ وڃي ڪئمپ ڪيائين تہ اُتي ڪاڏي رڌڻ لاءِ ڪائيون بہ بازار مان گھرايائين. تنھن تي ڪنھن زبردست چيس تہ سائين توھان تہ اسان جو نڪ تا ڪٽايو.

ھڪ ماڻھو مختيارڪار صاحب ڏي پريم سان، پنھنجن ھٿن سان ڪيسُ (سوٽي بلئنڪيٽ) تيار ڪري کڻي آيو. پائوءَ ولڻ کان صاف انڪار ڪيو، پر ھُن شخص ھٿ جوڙي چيس تہ 'سائين توھان نہ ولندا تہ منھنجي دل ٽٽي پوندي، مان پاڻ پنھنجن ھٿن سان توھان لاءِ ھيءُ ڪيسُ تيار ڪري کڻي آيو آھيان، پنھنجي پورھئي جا تہ پيسا ڪو نہ ولندس. توھان پل مونکي ڪيس ۾ ڪتب آندل سُٽ جا پيسا ڏيو، پر ھيءُ ڪيس ضرور قبول ڪريو.' پر پائوءَ اھو بہ قبول نہ ڪيو ۽ نھايت ئي نمرتا سان چيائينس تہ 'مان تنھنجي آدر ۽ قرب جو قدر ڪريان ٿو، پر منھنجو اُصول مونکي اجازت نہ ٿو ڏئي تہ مان نوڪريءَ جي دؤران ھيءُ ڪيسُ قبول ڪريان.'

ھھڙين لالچن کان پاڻ کي پري رکڻ لاءِ ھن پنھنجي بدلي ڪرائي تپيدارن جي ٽريننگ اسڪول جو پاڻ کي پرنسيپال ڪرائي ڇڏيو. جتان ھو آڪٽوبر ١٩٤٧ ۾، ديش جي ورھاڱي کان پوءِ، سنڌ سان الوداع ڪري اجمير ۾ اچي رھيو. جتي وري پاءُ ميلارام جي مدد سان سندر پرنٽنگ پريس شروع ڪرايائين ۽ اُتان ساھتيہ ساڌنا جاري رکيائين. ميلارام سان ھن جو گھڻو پريم ھوندو ھو ۽ ھوُ بہ سندس ساڃي ٻانھن ٿي ڪم ڪندو ھو.

پر اُن کان اڳ پنھنجي سپتر ريوي جي شادي ١٩٤٤ ۾ لاڙڪاڻي ۾ سائين بيوس جي گھر ۾، آدرشي نموني ڪرايائين. اُتي گھوٽ ڪنوار کي بيوس سائينءَ پنھنجو ڪتاب 'شيرين شعر' سوکڙيءَ طور ڏنو.

شانتي پسند پائو، راجنيتيءَ کان پاڻ کي دور رکندو ھو، پر اُن ھوندي بہ جڏھن سندس ننڍو پٽ تيرٿ پنھنجي ليکي راشٽر سويم سنگھ (RSS) ۾ شامل ٿيو تہ پائوءَ کي ڏک تہ ضرور ٿيو ھوندو، پر ھُن کي ھڪ اکر بہ ڪو نہ چيائين. تيرٿ ٻڌائيندو ٿو تہ پائو ڪيس زبردستيءَ ٻاھر

شاهه عبداللطيف جا چاليهه اهي بيت ڏنل هئا،
ي شاهه جا شيدائي هر روز پرارٿنا يا دُعا طور
ڙهندا آهن، جئن :

انب تون جيڏو، آهين شان شعور سان،
ون تي ڪر منهنجا پرين، توهه تُسي تيڏو،
يءَ ڪامل ڪم ڪيڏو، جئن نوازينم نگاهه سين.

ا) مَ ڪر ڍول ڍلو، ناتو نماڻين سين،
ونهي ڪميڻين جو، ٻڳر تو ٻلو،
نهنجو نانءُ ڀلو، وليو ويلي آهيان.

ڪتاب ۾ سيني بيتن جي معنيٰ ۽ روحاني راز مختصر نموني ڇپايل هئا. ڪتاب جو نالو ڪيائين 'مناجات شاهه.' هن ڪتاب جون ڪجهه ڪاپيون آرٽ پني تي ڇپائي پڪي ڪپڙي جي جلد سان تيار ڪري پنهنجن خاص هستين ڏي سوکڙيءَ طور موڪلي ڏنائين. مونکي هيءَ ڇوپڙي ڏاڪٽر سنڌ ۾ ملي ته مون ان کي هڪ ناياب تحفو ڪري سانديو ۽ اڄان تائين مون وٽ سانديل آهي. مونکي پائوءَ روبرو ٻڌايو هو ته اهڙي ئي هڪ ٻئي ڪتاب 'هدايات شاهه' جو هو مئلر تيار ڪري رهيو هو. پر اهو ڪتاب ظاهر ڪو نه ٿي سگهيو. اُن دستخط جو الائي ڪهڙو حشر ٿيو، سا خبر ڪا نه اٿم. هن پارٽ ۾ مختصر شاهه جو رسالو انوکي ڊزائنگ سان ٽن پاڱن ۾ ڇپايو. شاهه جي شرڌالن ۽ شوقينن لاءِ هن رسالي کي خاص اهميت آهي.

پارٽ ۾ اڇڻ کان پوءِ هڪ شاهي ڪتاب سندر پرنٽنگ پريس اجمير ۾ ڇپيو ۽ اُن جو نالو هو 'سوامي رام ڪرشن امرت ڪلا'. ۱۱۳۴ ڊبل ڪرائون سائيز جا صفحا هن ڪتاب ۾ هئا. پر اهو ڪتاب پائوءَ پاڻ نه لکيو. سندس ڀاءُ ميلارام لکيو، توڙي رهبري پائوءَ جي هئي.

۱۹۵۷ ۾ مان مهيني کن لاءِ، سنڌ مان پارٽ آيو هوس ۽ ڪجهه ڏينهن، پنهنجي سنڌوءَ ديي سَپاڻيءَ جي گهر اجمير ۾ وڃي اِن خيال سان رهيس ته پائوءَ جي صحبت ملندي. هو مون ڏي هر روز شام جو ٽوپلو پائي ايندو هو ۽ اسان ٻئي شهر کان ٻاهر گهمڻ ويندا هئاسين . ايندو هو ته هر روز مونڏي ڪجهه نه ڪجهه ٽول کڻي ايندو هو، جيئن ڪوئي پتا، پنهنجي نياڻيءَ جي ساهري گهر کڻي ويندو آهي. منهنجي سنڌوءَ جون ٻه وڏڙيون ڪڪيون شيلا ۽ سروج، انهن ڏينهن ۾ پنڌرهن سورهن ورهين جون هيون ۽ منهنجي هنن سان خاص دوستي هوندي هئي. هوُ چاهينديون هيون ته مان پائوءَ سان نه، پر هنن سان گڏ گهمڻ نڪران. گهر جي دري ڪولي هو رستو تڪينديون هيون ته من پائو ڪنهن ڏينهن نه اچي پر پائو پيرو ڀڄڻ وارو نه هو. جڏهن ڏسنديون هيون ته پائو ٽوپلو پائي هٿ ۾ لڪڻ لوڏيندو سندن گهر طرف اچي رهيو هو ته ڪلندي چونديون هيون 'پائڙا، اچي ويو توهان جو ٽوپلي وارو صاحب. اهڙو ڏينهن ٻه اسانکي نه مليو.' پر منهنجي من ۾ هن ٽوپلي واري صاحب ۽ اعليٰ اديب سان ملي من ۾ خوشيءَ ۽ فخر جو احساس ٿيندو هو.

بمبئي پوني ۽ اجمير مان موٽي، مان وري ٻه سنڌ ۾ ڏيڍ سال کن رهي پيس. پر پائوءَ سان خط پٽ جو رستو قائم رهيو. افسوس اٿم جو اڄ مون وٽ هن جو هڪ ٻه خط موجود ڪونهي. ۱۹۵۹ ۾ مان پائوءَ سان وري ٻه اجمير ۾ مليس ته مونکي هن ٻڌايو ته ٿورا سال اڳي، هن سنڌو ريسيٽلمينٽ ڪارپوريشن ۾ ٻه ٽي سال نوڪري ڪئي هئي ۽ سندس هيڊ ڪوارٽر هيڊ آفيس بمبئيءَ ۾ هوندو هو. هن مونکي چيو ته هري، هاڻي تون آديپور ۾ اچي رهيو آهين ته مان ٻه اجمير ڇڏي آديپور ۾

جن ۾ مکيه ڪتاب، جي هن ترجمو ڪيا، سي آهن، ربندرناٿ جون آڪاٽيون (١٩٦٣) ۽ ٻيو مکيه ڪتاب رومن رولانڊ جو انگريزي ڪتاب 'سوامي ويويڪانند.'[1] (١٩٦٥). رومن رولانڊ نوبيل پرسڪار کٽيندڙ هڪ اهم ساهتيڪار آهي ۽ هن جي ڪتاب کي ترجمو ڪرڻ هڪ ڪٺن ڪاريه آهي. جن به هيءُ انگريزي ڪتاب پڙهيو آهي، تن کي خبر آهي ته هيءُ ڪتاب ترجمي جي پڪڙ ۾ سولائيءَ سان اچڻ جهڙو ناهي، پر ڀائوءَ هن ڪتاب تي نور نچوئي خوب ڪوشش ڪئي. ڪم ته ڪاميابيءَ ۽ خوبيءَ سان پورو ٿيو. ڀائوءُ کي تز لفظن ڳولهڻ لاءِ خوب دماغي جاکوڙ ڪرڻي پيئي، پر هن محنت سندس جيءَ کي جهوري ڇڏيو. ڪوئي به سڄاڻ پاٺڪ انگريزي سنڌي پستڪ پيلي ڏسندو ته ترجمان کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو.

مان سنڌ ۾ ئي رهيو پيو هوس ته ١٩٥٢ ۾ ڀائوءَ وٽان اجمير مان هڪ خط آيو جنهن ۾ هن گوورڌن ڀارتيءَ جي هڪ ڪوتا موڪلي جنهنجو عنوان هو 'رات راڻي'[1]. ڀائو وديارٿين لاءِ هڪ درسي ڪتاب 'جوهر نظم'[1] تيار ڪري رهيو هو ۽ مون کان رايو وٺڻ پئي چاهيائين ته اُها ڪوتا مجموعي ۾ شايع ڪجي يا نه - اُن وقت مون گوورڌن جو نالو ڪو نه ٻڌو هو (هينئر ته ويجهو دوست آهي). مونکي هن جي ڪوتا خوب وڻي. ١٩٥٣ ۾ جوهر نظم ظاهر ٿيو. انڪل اسي صفحا، قيمت هڪ روپيه. اُن ۾ شاهه سچل کان وٺي بيوس، عزيز، دلگير، دکايل، اياز، شيام ۽ گوورڌن تائين، ڪيترن جون چونڊ ڪوتائون هيون. ڀائوءَ گوورڌن ۾ به ايتري دلچسپي ورتي جيتري هن بيوس ۽ دلگير ۾ ورتي. هن کي به ٻال ڪوتائن لکڻ لاءِ همٿايائين ۽ خوب چتر تيار ڪرايائين. اهڙيءَ طرح گوورڌن جي ٻال ڪوتائن جو ڪتاب لاتيون (١٩٥٨) ۾ ظاهر ٿيو، جيڪو سڄي ڀارت ۾ مشهور ٿي ويو. منهنجي لکڻ جو مطلب آهي ته ڀائوءَ کي ڪلا پرکڻ لاءِ اک به هئي ۽ دل به هئي. اِهو خيال نه ڪندو هو ته ڪتاب ڇپائڻ مان فائدو ٿيندو يا نقصان. هميشه چوندو هو ته ·

'The heart should rule over head'

يعني 'دماغ مٿان دل جو راڄ هئڻ گهرجي.'[1] ڪتابن جي وڪري لاءِ ڀارت ۾ سنڌ جهڙيون سٺايون حالتون ڪو نه هيون، پر ڀائو انهن ڳالهين جي پرواهه گهٽ ڪندو هو.

اجمير ۾ ڀائوءَ جي ڪيسي مان ڪوئي ماڻهو ٻه سؤ روپيا ٺڳائي ويو. توڙي هيءَ رقم ڀائوءَ لاءِ ڪا ننڍي رقم ڪا نه هئي، پر هُن اُف به نه ڪئي. ويتر مرڪي چيائين ته ڪو ويچارو مون کان وڌيڪ گهرجائو هوندو. مان ٺڳجي ويس ته پرواهه ڪانهي. شڪر جو مون ڪنهنکي ڪو نه ٺڳيو آهي. 'ڪبير آپ ٺڳائي، اؤر نه ٺڳئي ڪوءِ.'[1]

ديش جي ورهاڱي تائين ڀائوءَ جو رستو بيوس، هري دلگير ۽ دکايل سان خاص هوندو هو. حيدرآباد ۾ پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ سان ويجهو رشتو هوس ۽ هن کي گهڻي عزت ڏيندو هو. ليکراج عزيز سان به سٺو ناتو هوس. ڀارت ۾ آيو ته اجمير ۾ گوورڌن ڀارتيءَ کي ويجهو آڻي ڇڏيائين. ساڳي شهر ۾ شري پريداس برهمچاري ۽ ديپچندر بيلاڻيءَ سان به ميل جهول ۾ رهندو هو. ٻئي ساڌو ورتيءَ جا اعليٰ انسان هئا ۽ ساهتيڪار به هئا. وري آديپور ۾ هري دلگير ۽ پروفيسر اين. آر. ملڪاڻيءَ سان عزازت جو ناتو قائم رکيائين.

١٩٤٠ ۾ ڀائوءَ هڪ چاليهن صفحن جي چوپڙي ڏاڍي شوق ۽ شد مد سان ڇپائي جنهن

آهيان، گنهگار آهيان.

٢٣ ڊسمبر ١٩٧٣ تي، ڀاڀيءَ يعني ڀائوءَ جي ڌرم پتنيءَ جو ديهانت ٿيو تہ ڀائو بلڪل اڪيلو ٿي پيو. سندس شادي ١٩١٥ ۾ ٿي هئي ۽ لڳ ڀڳ سٺ سالن کان جنهن سهاڳهي جيون ساٿڻ جو ساٿ ۽ سهارو هو، سو ختم ٿي چڪو هو. پر ڀائو ڪنهن سان بہ پنهنجو ڏک نہ ڇلندو هو. هن کي ڪبير جو دوهو ياد هوندو هو تہ 'سک ۾ سنگي سيڪو، دک ۾ سنگ نہ ڪوءِ' ڀائوءَ جو وڏو پٽ ريوو احمدآباد ۾ ڪنهن مِل ۾ آفيسر هو. سندس ننڍو پٽ تيرٿ ڪسٽمس ڊپارٽمينٽ ۾ سپريڊنٽ هو ۽ سندس گهر آديپور ۾ هو. پر هو نوڪريءَ تي گهر کان ٻاهر رهندو هو. گهر ۾ سندس ڌرمپتني موهني پنهنجن ٻن ننڍن ٻارن سان رهندي هئي. ٻارن جي زور ڀرڻ تي ڀائو وڃي تيرٿ جي گهر نونهن ۽ ٻارن سان رهيو. اُتي پوڻا ٻہ سال رهي، آڪٽوبر ١٩٧٦ ۾ وڃي احمدآباد ۾ وڏي پٽ جي گهر رهيو، جتي ڊاڪٽري سهوائن جون بهتر سهوليتون موجود هيون.

مان توڙي دڪايل جڏهن بہ احمدآباد ويندا هئاسين، تڏهن ڀائوءَ جي حاضري ڀريندا هئاسين. مونکي ڏسي، مان محسوس ڪندو هوس تہ هن جي مک تي رونق اچي ويندي هئي ۽ ڀائو مونکي بلڪل ٺيڪ لڳندو هو

اُن ڪي ديکي سي جو آ جاتي هئہ منهہ پر رونق،
وہ سمجهتي هئن ڪہ بيمار ڪا حال اَچا هئہ.(غالب)

ڀائو مونکي چوندو هو تہ هري تون ڏاڍو دير دير سان ٿو اچين. جلدي جلدي ايندو ڪر.

ڀائوءَ کي ٻارن جي سيوا پئي ملندي هئي ۽ ڊاڪٽري تپاس بہ باقاعدي ٿيندي رهندي هئي. ڊاڪٽر چوندا هئا تہ سرير جا سڀ رئيس عضوا Parameters سلامت آهن ۽ ٺيڪ ڪم ڪري رهيا آهن پر البت ڪمزوري آهي. پوين ڏينهن ۾ ڀائوءَ پنهنجو کاڌو بلڪل گهٽائي ڇڏيو، جنهنڪري ويو وڌيڪ ۽ وَڌيڪ ڪمزور ٿيندو. ڇهين جون ١٩٧٩ رات جو ڏهين بجي (٦-٦-١٩٧٩) سنڌي ساهتيہ جي هن لڪل لعل، منهنجي پتا سمان لا طمع درويش جو ديهانت نهايت ئي شانتيءَ سان ٿيو. اهو احوال ٻڌي منهنجين اکين مان هن نرموهي مهاتما لاءِ موهہ جا ٻہ ٽي ڳوڙها ڳڙي پيا.

ٻہ ٽي ڏينهن رکي، مان احمدآباد ۾ ريوي جي گهر ويس تہ ڀائوءَ جي غير موجودگيءَ سان منهنجو من دکي ٿي پيو ۽ مان شاهہ جو بيت گنگنائڻ لڳس :

اڄ نہ اوطاق ۾ طالب تنوارينِ،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارينِ،
جي جيءَ کي جيارينِ، سي آديسي اُٿي ويا.

نوٽ : هيءُ ليک، مون پنهنجي يادگيريءَ جي آڌار تي ۽ ڀائو فتحچند جي ٻارن سان ملاقات بعد لکيو آهي. لکڻ وقت مون وٽ هڪ بہ ڪتاب موجود ناهي. البت ڀاءُ صاحب بڄاڻيءَ، جنهنجي يادگيري ڪامپيوٽر جهڙي پروسي جوڳي آهي، مونکي ڪي انگ اکر موجود ڪري ڏنا، جنهن لاءِ سندس ٿورائتو آهيان. ان هوندي بہ هن ليک ۾ ڪا ڳُڻت وڌائي ٿي سگهي ٿي.

(هہ. د)

17, Maitri, 3-A,
Adiour-(Kutch) - 370 205

رهڻ چاهيان ٿو. جي تون ۽ نانڪي (منهنجي ڌرم پتني) ٻئي مونکي خاطري ڏيندا تہ توهان ٻئي اسان ٻنهي (پاڻوءَ ۽ سندس پتنيءَ) جي سنڀال لهندا تہ مان آديپور ۾ مڪان خريد ڪندس ۽ اچي اُتي رهندس. اُن وقت نانڪي بہ موجود هئي ۽ اسان چيس تہ پاڻو اها بہ ڪا چوڻ ۽ پڇڻ جي ڳالھ آهي. توهان پتا سمان آهيو، توهان جي خدمت تہ خوشيءَ ۽ فخر جو باعث ٿيندي. اهو ٻڌي پاڻوءَ چيو تہ آديپور ۾ وڃي مون لاءِ مڪان تلاش ڪريو. منهنجو مڪان توهان جي مڪان پرسان هجي. هوادار هجي ۽ ڪنڊ ۾ هجي.

اڪٽل ١٩٦١ ۾ پاڻو اجمير سان الوداع ڪري، اچي پنهنجي نئين مڪان S.E.X 86 ۾ رهيو، جو منهنجي مڪان Z-16 کان چئن پنجن منٽن جي پنڌ تي هو. مڪان ڏسي هو خوش ٿيو جو سندس مڙيئي فرمائشون پوريون ڪيون ويون هيون. هوُ هرروز منجهند جو پنڌ ڪري منهنجي بنگلي ۾ ٻہ ٽي ڪلاڪ اچي آرام بہ ڪندو هو ۽ ڳالهيون ٻولهيون بہ ٿينديون هيون.

پاڻوءَ پنهنجي نالي تي ڪوئي بہ بئنڪ اڪائونٽ نہ کوليو. سڄي عمر غريب رهيو، پر دل جو امير هوندو هو. پئسي جي پرواھ تہ بلڪل نہ ڪندو هو. مونکي هڪ ڳالھ ياد ٿي اچي. ١٩٦٢ ۾ ڀارت چين جو حملو ٿيو تہ مان گانڌيڌام روٽري ڪلب جو پريزيڊنٽ هوس. ڪلب جي پاران مان پارٽي سولجرن جي مدد لاءِ شهر مان دان وٺڻ نڪتس. دان ۾ ماڻهو دل کولي دان ڏيندا هئا پر مون فيصلو ڪيو هو تہ هڪ سؤ رپين کان گهٽ رقم جو دانُ نہ وٺندس. ڪپڙن لٽن جا ڍير لڳي ويا. زالن خوشيءَ سان زيور لاهي ڏنا. گهر گهر مان ازخود دان ملڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ پاڻو مون ڏي ڏوڙاپو ڪٽي آيو. چيائين تہ هري، تون دان لاءِ ٻين سيني ڏي ويو آهين، پر مون ڏي چو نہ آيو آهين. مون چيو پاڻو، مون کي خبر آهي تہ توهانجي پينشن فقط ١٢٨ روپيہ آهي ۽ مان هڪ سؤ روپين کان گهٽ رقم وٺان ئي نٿو. پوءِ اُن حالت ۾ مان توهانکي ڪيئن چوان تہ ١٢٨ روپين مان هڪ سؤ روپيا مونکي ڏيو. اهو ٻڌي پاڻو چپ ڪري هليو ويو ۽ ٻئي ڏينهن مونکي ٢٥٠ روپيا ڏيئي ويو. منهنجيون اکين مان خوشيءَ وچان پاڻي اچي ويو. ڪو ڪروڙپتي، پنج يا ڏھ ويھ لک دان ڪري تہ مان اهو وڏو دان نہ ليکيندس. پر جيڪڏهن ڪو غريب پنهنجي پيٽ کي پٽي ٻڌي، پنج روپيا بہ ڏئي تہ منهنجي نظر ۾ اهو مهان دان آهي. پاڻوءَ جا ٢٥٠ روپيا ڏنل بہ هڪ مهان ۽ سريشٽ دان هو. اهڙن فقيرتن انسانن جا ڪل ڪارج ڀڳوان پاڻ ئي ڪري ڇڏيندو آهي. شايد پاڻوءَ کي ڏسي ئي مون هڪ غزل ۾ لکيو آهي :

توڙي پونجي فقير جي آهي
دل تڏهن ڀي امير جي آهي.

پاڻو آديپور ۾ هو تہ پاڻوءَ جو دماغي توازن ڪي قدر ڍلو ڏٺم. ڳالھ تمام خسيس هئي، جنهن ڪري پاڻوءَ جي صحت تي الٽو اثر ٿيو. ڪنهن انڪم ٽئڪس رٽرن ڀرڻ ۾ هن کان ڪا ننڍي غلطي ٿي وئي هئي، جنهنڪري هو هميشہ پيو پاڻ کي ڏوهاري سمجهندو هو. مون ۽ ڪن ٻين هن کي گهڻو ئي سمجهايو تہ ان غلطيءَ کي ڪا بہ اهميت ڪانهي، پر هوُ هميشھ پيو چوندو هو تہ مان گنهگار آهيان ۽ انڪم ٽئڪس وارا اچي پڪڙيندا تہ پوءِ ڇا ٿيندو. منهنجي چوڻ تي اجمير مان ڪنهن وڪيل لکي موڪليو تہ انڪم ٽئڪس جا ڪاغذ فائيل ٿي چڪا آهن ۽ معاملو مڪمل طور ختم ٿي چڪو آهي. پر تہ بہ پاڻوءَ جي اها ئي رٽ جاري هئي تہ مان ڏوهاري

رتنا دروازي جي ٻاهران اُن سڏ جي اِنتظار ۾ ويٺي هوندي هئي، پر ڀرڙئين سڏ تي اَندر نہ وڃي، ٻاهران ئي ورجائيندي هئي :

'بابوجي! ڇا، اوهان مون کي سڏ ڪيو؟'

'ڇا ويٺي ڪرين؟' پوسٽ ماسٽر پڇندو هوس.

'بس ٻاهه ٻارڻ لاءِ رنڌڻي ۾ وڃي رهي آهيان.'

'اڙي! اِهو ٻاهه ٻارڻ جو ڪم ڪٿي پوءِ ڪج. پهريائين منهنجو حقو لاهي وٺ.'

ٿوريءَ دير بعد رتنا ڳل ڦوڪي، حقي جي ڇل ۾ ڦوڪون ڏيندي اَندر ايندي هئي. سندس هٿ مان حقو وٺي پوسٽ ماسٽر جهٽ پڇندو هوس 'ڀلا ٻڌاءِ رتنا! توکي پنهنجي ماءُ جي ڪا يادگيري آهي؟'

اِهي ڳالهيون رتنا جي دل وڻان آهن. نهايت پراڻيون ڳالهيون آهن. ڪجھ ياد اَٿس، ڪجھ وسري ويون اٿس. پيءُ کيس ماءُ کان زياده ڳهرندو هو. اُن ڪري کيس پيءُ جي يادگيري وڌيڪ چٽي آهي. هُو پنهنجو ڪم پورو ڪري سانجهيءَ جو گهر موٽندو هو. قسمت سان اُنهن مان هڪ ٻن سانجهين جي ياد رتنا جي دل تي چتر جيان چٽيل آهي. اُنهن جو ذڪر ڪندي هوءَ سري پري اَچي پوسٽ ماسٽر جي پيرن وٽ وهندي هئي. کيس پنهنجو ننڍو ڀاءُ پڻ ياد پوندو هو.

ڪڏهن نہ هڪ جهڙالي ڏينهن تلاءَ جي ڪپ تي ٻنهي گڏجي وڻ جي ٽٽل ٽاريءَ مان ڪُنڍي لاهي مڇي مارڻ جو کيل رچايو هو. اُن ننڍڙي ٻاراڻي واقعي جي ياد، سندس ذهن ۾ وڌين ڳالهين کان وڌيڪ چٽي هئي. اَهڙيون ڳالهيون ڪندي ڪندي ڪڏهن ڪڏهن ڪافي رات گذري ويندي هئي ۽ پوءِ آلسي پوسٽ ماسٽر کان رڌڻ پچائڻ پڄندو ئي ڪين هو. نيٺ رتنا اُٿي تڙ تڪڙ ۾ ٻاهه ٻاري ڦلڪا پچائي وٺندي هئي ۽ ٻئي ڄڻا ڏينهوڪي ٻاروٽي ڀاڄي گرم ڪري کائي، رات جو ويلو ٽپائي ڇڏيندا هئا. وقتي شام جو پنهنجي وڏي ڪکائين مڪان جي ڪنڊ ۾ آفيس جي ڊيسڪ وٽ ويٺي ويٺي پوسٽ ماسٽر کي پنهنجي گهر جا ڀُور اَچي پوندا هئا. پرديس ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ ڀيڻ جي سڪ ستائيندي هيس. پر اُهي اَندر جون اورون ڪارخاني جي ڪرمچارين سان تہ اوري نہ ٿي سگهيو، گرچ هن اَڻ پڙهيل ننڍيءَ ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ سان ويلو اُهو ورہ ونڊيندو هو. اُن ريت رفتہ رفتہ رتنا بہ سندس سڄڻ کي پنهنجي ماءُ، ڀيڻ يا پنهنجو ڀاءُ ڪوٺڻ لڳي، ايتري قدر جو پنهنجي معصوم هردي ۾ هن اُنهن جون خيالي تصويرون بہ چٽي ڇڏيون.

هڪ برساتي ڏينهن ڀڀري ڏاري بادل وَڙي ويا هئا ۽ هلڪي هلڪي سيتل هير ٿي لڳي. پنل گاهه ۽ آلن وڻن ٻوٽن مان تڙڪي سبب هڪ قسم جي سڳنڌ ڦهلجي رهي هئي؛ جڻ تہ ٿڪي مانديءَ ڌرتيءَ جا گرم سواس سرير کي ڇهي رهيا هئا. نجاڻ ڪٿان جو هڪ پريم پياسي پکي قدرت جي دربار ۾ لڳاتار هڪ ليءِ سان نهايت سوز ڀريءَ سر ۾ پنهنجي صدا سڻائي رهيو هو.

اِهي نظارا ڏسندي ۽ اِها لات ٻڌندي پوسٽ ماسٽر سوچڻ لڳو : ڪاش! ڪو دلبند ويجهو هجي، ڪو اڪيلو ئي پريتم ڀر ۾ هجي، تہ جيڪر کيس جيءَ سان جڙي ڇڏيان.

ڏيري ڏيري ائين محسوس ڪرڻ لڳو، گويا

پوسٽ ماستر

پوسٽ ماستر نوڪريءَ جي شروعات پهريائين پهريائين علاپور جي ڳوٺ ۾ ڪئي. ڳوٺ ننڍو هو، پر پرسان نير جو ڪارخانو هو. اُن جي انگريز - مالڪ جي ڳڻتيءَ ڪوشش سان ئي، هيءَ نئين پوسٽ آفيس کولي ويئي هئي. پوسٽ ماستر ڪلڪتي جو رهاڪو هو. هن ڏورانهين ڳوٺ ۾ سندس حالت اهڙي هئي، جهڙي جل بنا مڇيءَ جي.

هڪ اونداهيءَ ۽ ائن پاسي واري ڪڙٻ ڪانن ۽ ٽوئن مان نهيل جاءِ ۾ سندس آفيس ۽ رهڻ جي ڪوٺي هئي. پرسان سينور سان پريل هڪ تلاءُ هو، جنهن جي چوڌاري گهاٽي وڻراهه هئي. نير جي ڪارخاني جي گماشتن ۽ ٻين ڪارمچارين کي نه ڪا فرصت ملندي هئي، نه وري اُهي سڪر ماڻهن سان سنگت رکڻ جي لائق هئا. وري خاص طور ڪلڪتي جا بنگالي بابُو ٻين سان رلڻ ملڻ ۾ ڪوتاهه آهن. ڏارين ۾ اُهي يا ته تندمزاج ٿيو پون، يا موڳا ۽ بيزار. بهرحال پوسٽ ماستر کي خير ڪا سنگت هئي. کيس ڪم به گهڻو ڪو نه هو. وقتي هوُ ڪوتا لکڻ لاءِ قلم هلائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. 'سارو ڏينهن پنن جي لوڏ ۽ آسمان ۾ بادلن جي هلچل ڏسندي ڏسندي جيون نهايت سک سان گذري رهي آهي'، پنهنجي ڪوتا ۾ اهڙي قسم جي اُمنگن جو اِظهار ڪندو هو.

پر ڀڳوان ٿو ڄاڻي ته جي الف ليليٰءَ جي قصن جو ڪو ديوُ پرگهٽ ٿي، راتو واهه اُن ڳوٺ جي وڻراهه ڪپي، اُنجي جاءِ تي ڪي پڪا ڏامر جا رستا تيار ڪري ها ۽ اوچين عاليشان عمارتن جون قطارون جوڙي ڪڪرن کي اَکين کان اوجهل ڪري ڇڏي ها، ته جيڪر ويچارو پوسٽ ماستر اُن اَڏاوت کي نئين جيوت جي غنيمت ڪري سمجهي ها. پوسٽ ماستر جو پگهار به ٿورو هو. کيس پنهنجو ڪاڌو پاڻ رڌڻو پچائڻو پوندو هو، جو رتنا سان ونڊي وراهي کائيندو هو. رتنا جي عمر ٻارهن تيرهن سال هئي. ڳوٺ جي اَناٿ ڇوڪري، جنهن جي شاديءَ جي ڪا آشا نه هئي. هوءَ سندس باسڻ ٻهاري اُٿي ويلي ڪندي هئي. ڏهاڙي سڄ لٿي مهل جڏهن ڳوٺ جي وٿاڻن مان دونهون وروڪڙ ڪندو مٿي چڙهندو هو ۽ ٻوڙن مان تڏيون تر...ڙ، تر...ڙ جا آواز ڪنديون هيون، تڏهن دور ڳوٺن ۾ نشيباز بائلن جي ٽولي ڍولڪ ۽ ڪرتال وڄائي، اوچي سُرَ ۾ راڳ ڳائيندي هئي.

منهن اونداهيءَ جو جڏهن ورانڊي ۾ اَڪيلو ويٺي ويٺي بانس جي گهاٽن جهڳٽن ۾ پنن جي چرپر جاچيندي ڪنهن شاعر جي سيني ۾ سيسرات اُڀرن ها، تڏهن پنهنجي ڪمري جي ڪنڊ ۾ هڪ ٽم ٽم ڪندڙ ڏيئو ٻاري پوسٽ ماستر سڏ ڪندو هو 'رتنا!'

تي، رتنا دروازي جي ٻاهران وري پنهنجي اڳوڻي جاءِ والاري. پر هن وري اڳ وانگر سڏ ڪين ٻڌو.

هوءَ ڪڏهن ڪڏهن لڪ چوريءَ اندر ليئو پائي ڏسندي هئي ته دلگير پوسٽ ماسٽر بي خيالو يا ته ڪرسيءَ تي ويٺو آهي يا ڪنهن فڪرات ۾ ليٽيو پيو آهي. هيڏانهن پوسٽ - ماسٽر بدليءَ جي ڇورا ڪورا ۾ درخواست جي جواب لاءِ منتظر رهندو هو.

دروازي جي ٻاهران ويهي رتنا وري وري پنهنجو سبق ياد ڪندي هئي. ڪيس اِهو ئي انديشو رهندو هو ته مبادا سڏ ٿئي ۽ هوءَ پڙهڻ جي پريکيا ۾ گهٽ ثابت ٿئي. نيٺ هفتي ڪن جي اُڻ تڻ بعد هڪ شام جو ڪيس سڏ ٿيو. رتنا ڌڙڪندڙ دل سان ڪوليءَ ۾ گهڙي ۽ بدستور چيائين 'دادا! اوهان مون کي سڏيو؟'

'رتنا! مان سڀاڻي هتان هليو ويندس.'

'ڪيڏانهن دادا؟'

'پنهنجي گهر.'

'وري ڪڏهن موٽي ايندا؟'

'وري ڪين ايندس.'

رتنا سن ۾ پئجي ويئي. پوسٽ ماسٽر ازخود ڪيس ٻڌايو 'منهنجي بدليءَ جي درخواست رد ٿي هئي؛ اُن ڪري استيعفا ڏني هيم، جا منظور ٿي آهي. هاڻي گهر موٽي ويندس.'

ڪجھ وقت ٻنهي ڪين ڪڇيو. ڏيئو ٽم ٽم ڪندو رهيو ۽ ڇپر جي هڪ ڪنڊ واريءَ وٿيءَ مان برسات جو پاڻي پٽ تي رکيل ٿانءَ ۾ ٽمندو رهيو. ڪافي دير کان پوءِ رتنا چپ چاپ اُٿي رنڌڻي ۾ وڃي رسوئي ناهڻ لڳي. پر اَڄ دستور جيان تڪڙ نه ٿي ڪيائين؛ ڇو ته رکي رکي سندس دل ۾ وسوسا ٿي جاڳيا. جڏهن پوسٽ ماسٽر کانو کائي اُٿيو، تڏهن رتنا اوچتو پڇيس : 'دادا! مون کي پاڻ سان گهر وٺي هلندا؟'

پوسٽ ماسٽر ٽهڪ ڏيئي چيو 'واه! ائين ڀلا ڪيئن ٿيندو؟'

پر معصوم ڇوڪريءَ کي اِهو سمجهائڻ ضروري نه ڄاتائين، ته ڇو اِها ڳالهه ممڪن نه هئي. اُها سڄي رات جاڳندي خواه سپنا ڏسندي رتنا جي ڪنن ۾ پوسٽ ماسٽر جي کل ٺٺوليءَ ڀريو جواب گونجندو رهيو : واه! ائين ڀلا ڪيئن ٿيندو؟

صبح جو پوسٽ ماسٽر جاڳيو. اُٿي ڏٺائين ته سندس اِشنان لاءِ پاڻي تيار رکيو آهي. ڪلڪتي واريءَ عادت موجب هُو تازي پاڻيءَ سان سنان ڪندو هو. ڳوٺ جي رهواسين جيان نديءَ ۾ ٽٻي ڏيڻ بدران بالٽيءَ ۾ پاڻي ڀرائي رکندو هو ۽ گهر ۾ ئي اِشنان ڪندو هو.

خبر ناهي ڇو رتنا کانئس روانگي ٿيڻ جو وقت پڇي نه سگهي هئي؛ اُن ڪري هن ٻاک ڦٽڻ کان ئي اَڳ نديءَ مان پاڻي آڻي رکيو هو، ته ڪنهن به وقت ڪيس کپي ته ميسر هجي. اشنان بعد رتنا کي سڏ ٿيو. هوءَ چپ چاپ اندر آئي ۽ آگيا ملڻ جي انتظار ۾ پنهنجي مالڪ جي منهن ڏانهن نهارڻ لڳي. مالڪ چيس 'رتنا! تون منهنجي وڃڻ بابت ڪا به چنتا نه ڪر. مان پنهنجي جاءِ نشين کي تو لاءِ پارت ڪري ويندس. هُو مون وانگر ئي تنهنجي سار سنڀال لهندو.' رتنا جي دل ڀرجي آئي. هن کان اڳ هن ڪئين دفعا پوسٽ ماسٽر جون ڇڪيون ڇڙٻون مات ميٺ ۾ سليون هيون؛ پر هوءَ اِهي همدرديءَ ڀريا ٻول سهي نه سگهي. سڏڪا ڀريندي چيائين 'نه نه. مون

اُهو پکي به بار بار اِهائي اُکير آلاپي رهيو آهي
ٻپهريءَ جو اُن ڇايادار ايڪانت ۾ پنن جي سر
سر جو به ساڳيو ئي مطلب آهي.

ڪنهن نه ٿي ڄاتو ۽ نه ڪو ويساهه ئي ڪندو
ته اُن ننڍڙي ڳوٺ جي معمولي پگهاردار پوسٽ
ماسٽر جي دل ۾ سنسان ٻپهريءَ جي واندڪائيءَ
۾ اهڙي قسم جا دردي ڀاو ئي اُٿڻ لڳندا رهندا
هئا.

پوسٽ ماسٽر لنبو شوڪارو ڀري سڏ ڪيو
'رتنا!' اُن وقت رتنا زيتونن جي وڻ هيٺان ٽنگون
ڊگهيري هڪ ڪچو زيتون کائي رهي هئي. مالڪ
جو سڏ سڻنديئي، ترت ڊوڙي آئي ۽ سهڪندي
سهڪندي پڇيائين 'دادا! اوهان سڏ ڪيو ڇا؟'

'هائو. خيال ڪيو اَئم ته توکي پڙهڻ
سيکاريان.'

سڄ لٿي تائين ڪيس الف - بي سيکاريندو
رهيو. اَهڙيءَ طرح ٿوري وقت ۾ رتنا ننڍا ننڍا
ٻه - ٽه - اَکرا لفظ پڙهڻ سکي ويئي.

سانوڻ جو مهنو. لڳاتار برسات وسي رهي
هئي. تل، تلايون ۽ تلاءَ سڀ ڀرجي ٽمٽار ٿي پيا
هئا. ڏينهن رات برسات جي ٽرڙ ٽرڙ ۽ ڏيڏرن
جي ٽرڙ ٽرڙ ٻڌڻ ۾ ٿي آئي. ڳوٺ جي رستن تان
هلڻ دشوار ٿي پيو هو. بزار مان سؤدو وٺڻ لاءِ ٻتيلن
۾ چڙهي وڃڻو ٿي پيو.

هڪ ڏينهن پرڀات کان ئي گهنگهور گهٽا
ڇانيل هئي. پوسٽ ماسٽر جي وديارٿڻ ڪافي وقت
کان در جي ٻاهران ڪن لائي ويٺي هئي ته اِجهو
تو سڏ ٿئي. پر جڏهن دستوري سڏ جو آواز نه آيو،
تڏهن رتنا پنهنجي ڪتابن جو ٿيلهو کڻي اندر
ويئي. ڏٺائين ته پوسٽ ماسٽر بستري تي ليٽيو
پيو آهي. سمجهيائين ته آرام ڪري رهيو آهي.
سو پٺن تي پوئين پير موٽڻ لڳي، ته اوچتو پوسٽ
ماسٽر سڏيس 'رتنا!' هڪدم موٽ کائي پڇيائين
'دادا! اوهان کي ننڊ هئي نه؟' پوسٽ ماسٽر نبل
آواز ۾ چيو 'طبيعت ٺيڪ ناهي، رتنا! ذرا
منهنجي مٿي تي هٿ رکي ته ڏس!'

پرديس جي اڪيلائيءَ ۽ مينهن جي
موڳائيءَ ۾ هن طرح بيمار پوڻ تي شيوا ٽهل جي
ضرورت سبب من ۾ تڙڦ اُٿڻ ٿيندي آهي.
ڪوسي نرڙ تي چمڪندڙ چوڙين وارن نرم هٿن
جي ڇهاءَ جي سار ٿيندي آهي. گهر کان دُور
نهايت دور بيماريءَ جي پيڙا سبب اِها ئي اِڇا
ٿيندي آهي : ڪاش! پر ۾ سنيهه - مٿي ناريءَ
جي روپ ۾ ماتا يا ڀيڻ ويٺي هجي. ۽ پرديسي
پوسٽ ماسٽر جي من جي اَهڙي اَهلاڪا اَجائي نه
ويئي. ننڍڙي رتنا ٻالڪا نه رهي. هن هڪدم ماتا
جي پدوي اختيار ڪئي. ڳوٺ جي وئد کي سڏي
آئي. اُن بعد هوءَ بيمار کي وقت سر دوا ڏيندي
رهي. سندس سيرانديءَ کان ويهي ساري رات
جاڳندي رهي. پٿُ تيار ڪري ڪيس پنهنجن
هٿن سان کارائيندي هئي ۽ ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا
پڇندي هئي 'دادا، ڪيئن ٿا ڀانيو؟ ڪجهه
فرحت آهي؟'

ڪافي ڏينهن بعد جڏهن پوسٽ ماسٽر
بيماريءَ جو بسترو ڇڏيو، تڏهن سندس سرير
ڪمزور ٿي چڪو هو. 'وڌيڪ نه سهبو' هن دل ۾
فيصلو ڪيو : 'ڪيئن به هتان بدليءَ لاءِ ڪوشش
ڪرڻ گهرجي.' پنهنجي بيماريءَ جو سبب ڏيئي
هن اُن وقت ئي پنهنجي بالا عملدار ڏانهن
بدليءَ لاءِ ڪلڪتي درخواست موڪلي.

بيمار پوسٽ ماسٽر جي شيوا مان واندي

ليک/فتحچند واسواڻي

سُر سارنگ

سال ۾ ٻه مندون خاص ڪشش ڪندڙ آهن: هڪ بهار، ٻيو سانوڻ. بهار ۾ وڻ ڦولارجن، گل ڦل ٽڙن، وڻ وڻ منجهان واس پيو اچي، وقتي تہ مٽي بہ مشڪباز ٿيو پوي. باغن ۾ گهڙڻ شرط مغز تراوت سان ڀرجيو وڃي ۽ سهڻين ڀانت ڀانت گلن جا قسمين قسمين رنگ ۽ روپ ڏسي، ڏار ڏار سڳنڌ ۽ سرهاڻ سنگهي، زبان مان واحد جي واکاڻ نڪريو وڃي ۽ قادر جي قدرت پسي دل ۽ ڪنڌ عقيدت ۾ جهڪيو وڃن. پر بسنت رت گهڻو تڻو شهري ماڻهن لاءِ، جن لاءِ باغ بستان هڪيا، مکيہ چوڪن تي رمڻيڪ آستان، جن ۾ جهولا ۽ گسڪڻيون موجود. جوان خوش تہ ٻار بہ گد گد. سکيون سهيليون پينگهن تي لاڏ مان لڏي گيت پيون ڳائين تہ وانهڙو هلندي هلندي بيهيو رهن. شاهوڪارن کي تہ گهرن ۾ بہ باغ ٽڪرا، نہ تہ بہ ٻوٽا ۽ چڪيون آهن، جي بسنت ۾ بهاري لايو ڇڏين.

مگر ويچارا ڳوٺاڻا، سي بہ سنڌ جا! تن لاءِ سانوڻ جهڙي ڪا آسروند ۽ سکدائي مند ڪهڙي؟ سنڌ ۾ براج کان اڳ سنڌو نديءَ ۾ بہ پاڻي اڪثر خريف ۾ ريڃاهي ڏيندو هو. جي برسات چڱيري پوندي هئي تہ پلي فصل جي اُميد. ٿر واريا سو ملڪ، جنهن جو گذر هڪ پوک تي، ٻيو مال تي. ٻنهي لاءِ مينهن ضروري، چو تہ ٿر ۾ نڪو درياہ نہ ڪو واہ. پاڻي هيٺ کوهن ۾ سو بہ ٿاڙو يا کارو. اونهاري ۾ تہ وقتي اُهو بہ سڪيو وڃي. اُن ڪري سنڌ ۾ ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان جي رهاڪن کي خاص سانوڻ ۾ آُپ ۾ اکيون وجهي ويٺو پوندو آهي.

شاہ تہ سنڌ جو راڪو ۽ دعاگو هو، سو بہ خاص طور ڳوٺاڻن ۽ مسڪينن جو. اُن ڪري سر سارنگ ۾ برسات کي آسماني رحمت جو رنگ ڏيئي، غريب هارين ۽ مالدارن جي آس ۽ انديشن جو دردي نقش چٽيو اٿس.

سارنگ کي عام طرح ملار چوندا آهن. ٻنهي جي معنيٰ ڪڪر، جهڙ ڦڙ يا برسات. ملار هڪ راڳ جو بہ نالو آهي ۽ اُن ۾ اهڙو تاثير آهي، جو جيڪڏهن ڪو راڳيندڙ اُهو سر پوريءَ طرح آلاپي راڳ ڳائيندو آهي تہ آسمان تي اَزغيبي ڪڪر اَچي مڙندا آهن ۽ ٿوري گهڙي برسات اوس وسندي آهي.

سنڌ ۾ جيٺ ۽ آکاڙ جا مهنا پنهنجي نالي سان آهن. ڏينهن اهڙو تپي جهڙو ڪورو. اُس چڪ پيئي پائي. چاليهي جي لُکن ۾ جڻ باہ جا اُلا پيا وسن. ٻُٽ ٿئي تہ ساہ پيو ٻوسائجي. وڻ ٽڻ اُسات ۾ اُجهاڻيل. چوپايو مال سائي گاہ لاءِ حيران، پر پٽن تي سڪو تيلو بہ نہ لبي. پَٽَ پياسي. پري کان رڄ پاڻيءَ جو ڪوڙو ڏيک ڏيئي پيئي دوکو ڏئي. سياويڪ مال بک ۽ اُڃ ۾ ماندو ٿيو پوي. هارين ۽ مالدارن جون اکيون آسمان ۾، خاص طور ٿري ويچارا تہ پريشان ٿي پيا پڪارين :

سارنگ! سار لهيج، الله لڳ اُڃين جي
پاڻي پُوڄَ پٽن ۾، ارزان اَنُ ڪريج
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي.

بنسبت ڪنهن کي ڪجھ بہ چوڻ جي ضرورت ناهي. مان هت وڌيڪ رهڻ ئي نہ ٿي گهران.‘ پوسٽ ماسٽر وسميءَ ۾ پئجي ويو. هن اڳ ڪڏهن بہ رتنا کي اهڙو غمگين ۽ بيقرار ڪين ڏٺو هو.

نئون پوسٽ ماسٽر آيو. پراڻي پوسٽ ماسٽر ڪيس چارج ڏني ۽ رواني ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو. اُسهڻ کان اڳ هن رتنا کي سڏي چيو ’رتنا! آءٌ توکي ڪڏهن بہ ڪجھ ڏيئي نہ سگهيو آهيان. اڄ وڃڻ وقت توکي ڪجھ ڏيئي ٿو وڃان. اُميد تہ ڪجھ مدت لاءِ تنهنجو گذر ٿي ويندو.‘ پنهنجي ڪيسي مان مهيني جو سمورو پگهار ڪڍي راھ خرچ لاءِ بہ ٽي روپيا رکي، باقي ڪيس ڏيڻ لڳو. اِهو ڏسي رتنا سندس پيرن تي ڪري پيئي. رئندي چيائين ’دادا! مان پيرين ٿي پوانوَ. مون لاءِ ڪنهن کي بہ ڪا چنتا ڪرڻ جي ضرورت ناهي.‘ ائين چئي هوءَ ڊوڙي نظر کان غائب ٿي ويئي. پوسٽ - ماسٽر لنبو شوڪارو ڀري پنهنجو ڪپڙي جو ٿيلهو ڪڇي ڪلهي تي چلي رکي پتڻ ڏانهن هليو. مزور پنهنجي سر تي اَچن ۽ نيرن پٽن واري رنگين ٽين جي ٽرنڪ کڻي سندس پٺيان هلندو هليو. وڃي پتڻ تي پهتا. پوسٽ ماسٽر ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو. ٻيڙي هاڪاري ويئي. برسات سبب ٺُوڪيل نديءَ جو پاڻي وروڪڙ کائيندو ورلاپ ڪندو، اِئين اُڇلون ڏيندو ٿي وهيو، گويا ڌرتيءَ جي آنسن جي ڌارا چل چل ڪري ڇلڪي هئي. ويلي ويلي پوسٽ ماسٽر جي دل ۾ گهرو درد جاڳيو. هن کي اِئين لڳو تہ اُن عام ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ جو اُداس چهرو ڌرتي ماتا جي وياپڪ مَوَن - وياڪلتا جو سروپ آهي.

هڪ وقت تہ جذبو جاڳيس تہ موٽي وڃي اُن اَناٿ اَڪيلي ڇوڪريءَ کي ولي اَچان، جنهن جو دنيا ۾ ڪو بہ ڪونهي. مگر واءُ سڙهن کي ڀري چڏيو هو. ٻيڙي چوھ مان ڇلڪندڙ وچ سير ۾ پهچي ويئي هئي. ڳوٺ گهٽو پلتي رهجي ويو هو. اُن جي دنگ کان ٻاهر مساڻ نظر پي آيو. مجبورآ نديءَ جي تيز وهڪري سان گڏ وڃندڙ دلگير مسافر فنا ۽ فڪر جي خيالن سان پنهنجي دل کي ڏڍ ڏيڻ لڳو : زندگيءَ ۾ ڪيترو نہ وره سمايل آهي! ڇا موت جو وڇوڙو ڪو گهٽ آهي؟ هن دنيا ۾ ڀلا ڪير ڪنهن جو آهي؟ پوءِ موٽڻ مان ڪهڙو سود؟ پر ويچاريءَ رتنا جي دل ۾ ڪو بہ اهڙو ويراڳ ڀريو ويچار پيدا نہ ٿيو. هوءَ پوسٽ آفيس جي چوڌاري چپ چاپ ڳوڙها ڳاڙيندي ۽ ڦيرا پائيندي رهي. جيڪس سندس هردي ۾ هلڪي اُميد باقي هئي تہ من دادا موٽي اچي. آشا جي اِنهيءَ ٻنڌن سبب هوءَ اُن جاءِ کان دور بہ وڃي نہ سگهي.

افسوس! اسان جو اِنساني سياءُ ڪهڙو نہ ڳهيلو آهي! سندس موھ ڀريا ڀرم ۽ ڀولاوا ڪنهن بہ ريت ملجهڻ جا ناهن. ٻُڌيءَ جا دليل پنهنجو اَثر ڏيکارڻ ۾ وقت ٿا وٺن. تنهن وچ ۾ ڀڪي ۾ پڪين ثابتين تي ٻڌ اُوشواس ٿو ڪري. مايوسيءَ جا صدما سهي بہ ڪنهن جوني آس کي ڇهليو ٿو رهي، تان جو اَنت ٿي اچي.

تنهن پڇاڻا اَچي ٿي درد ڀري جاڳرتا. پوءِ وري بہ مورک من ٻيءَ ڪنهن ساڳي غلطيءَ جي جار ۾ ڦاسڻ لاءِ وياڪل ٿيو پوي!

(ربندرناٿ جون آکاڻيون - ١٩٦٣)

پوي، جن جا ور جدا ٿي ويا آهن. اُنهن جو نہ آهي نہ پهي، شل سندن ڪچا جهوپڙا نہ ڍهن.

ڪُڪڙن ڪاندُ چتِ ڪئو جهڙ پسئو جِهجَنِ
وَرَ ري واندن اَڏئا، پکا سي م پُسن
اُتر ڍاهي اُن جا، تہ ڪه ڪي ڪارُون ڪَنِ؟
وارث وري تن، اَڇي شال اولون ڪري!

برسات چڱيري وَسي تہ ملڪ ٺري پوي. ڌرتيءَ جي روءِ بدلجيو وڃي. وڻ ٽڻ ڌوپي ڇهڇہ ٿيو پون تہ جهنگ جهر جي ساوڪ ڏسي نيڻ پيو ٺري. مال خوش، مالدار مگهن. هاري ناري آسروند.

برسات هر ملڪ لاءِ رحمت آهي، پر ٿر لاءِ تہ جنسي آبحيات آهي. جتي پيئڻ جي پاڻيءَ جي اَڻاڻ، اُتي پوک ڪئن ٿئي، مال ۽ ماڻهن جو گذارو ڪٿان ٿئي؟ اُن ڪري ئي چيو اَٿن 'وسي تہ ٿر، نہ تہ بر.'

مينهن سو چڱيرو پوي، پوءِ ٿر ولڻ جو ناهي. وسڪاري بعد ٿر ۾ قدرت عجيب رنگ لائيندي آهي. پٽ پاڙ پريا تہ گس گاه وارا. جيڏانهن نهار تيڏانهن ساوڪ ئي ساوڪ. ٽلن جي وچ ۾ ڏاڍي زمين واريون ماٿريون تہ گاهن سبب گلزار ٿي پونديون آهن، پر واريءَ جون ڀٽون بہ ساوڪ سبزيءَ سان ڍڪجي وينديون آهن. اهڙو خدائي نزاڪت وارو نظارو سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ ڀاڱي ۾ ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي.

ٿر هريو ڀريو ٿي پوندو آهي، جهنگلي گل جا بجا ٽڙي پوندا آهن. اُتي موتيو گلاب تہ ڪونہ ٿئي، سو ٿري زالون ۽ ڇوڪريون اُنهن جهنگلي گلن مان هار ٺاهي پائينديون آهن.

جهجهي برسات بعد سنگهارن ۾ ڪيڏي نہ سرهائي آهي :-

آگم ڪئا اَلله، لڳہ پس لطيف چي
ٻلر جي ٻالوٽ سين، ٻلن جهليا ٻاه
واحد وڏائي ڪئا، مٿي گسن گاه
سانگن ورئا ساه، اُئن آب اَگوندرو.

هاڻي مسڪينن کي آٿت آهي تہ اَن سستو ٿيندو ۽ بک ڀڄندي. کير مکڻ مئو ٿيندو. ڪڙمي ۽ ڌنار ڪم کان واندا ٿي، نڙ ۽ بنسريون، سرندا ۽ سارنگيون پيا وڄائين ۽ اُن سان گڏ ڳوٺاڻن گيتن، وقتي ڪافين جي ڌم مچي وڃي. پکي پکڻ بود ۾ اچي مٺيون لاتيون پيا لنون، بلڪ جيت جنتر بہ سريلا آلاپ پيا ڪڍن.

اِها تہ ٿي عام جي حالت؛ پر پريم وارن جا پوُر ئي نرالا. اُنهن کي اچيو سپرين جي سڪ ستائي. جي پرين پاسي ۾ تہ خوشي اَجهل. جي هوُ جدا تہ غم بيحد. ڀلا مينهن ڪئن محبوب سان مَٽِ پوندو؟ رڳو ساجن سو اچي پوءِ ڇڻ سهسين سارنگ ٿيا.

آگم اي نہ اَنگ، جهِڙوَ پسڻ پري جو
سيڻن رِي سيد چي، روُح نہ رُچن رنگہ
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوُءِ ۾.

شاه جي شعر ۾ سڪ سوز گهڻو آهي. سر سارنگہ بہ اُن خوبيءَ کان خالي ناهي. هن هڪ ئي سر ۾، شاه قدرت قادر، غريبن جي ڏکہ ۽ درد، پنهنجي اندر جي الفت ۽ اُڪير جي اُپٽار ڪئي آهي تہ اُن سان گڏ حب الوطن ۽ عالمگير خيرخواهيءَ ۾ بہ ڪين گهٽايو اَٿس. لاشڪ شاه وڏو محب-وطن ۽ عالم جي سکہ جو دعاگو هو. داور جي درگاه مان، هن سٽن ۾، ڪهڙي نہ عجيب معنيٰ ڀريل دعا ٻني اٿس :

سانئِيَم! سداءِ ڪرين مٿي سنڌ سُڪار
دوس! مٺا دلدار! عالم کي آباد ڪرين.

(لطيفي لاٽ ٢-١٩٥٣)

نہ رڳو ايترو، پر
سارنگ کي سارين، ماڻهو، مرگ، مينهون
آڙون آبر آسري، تاڙا تنوارين.

هرڻ رڃ کي پاڻي سمجهي، سڄ ۾ سرگردان ٿي ڊوڙندو آهي. مينهن کي بہ اِلاهي اوسو آهي ۽ پاڻياٺي زمين، بلڪ گپ چڪ ۾ وهڻ پسند ڪندي آهي. جي ڍنڍ، ڍورو يا درياه ملي وڃيس تہ خوشيءَ ۾ سيٺه وانگر سيلاجي پوندي آهي. تنهنڪري اُنهن لاءِ برسات جهڙي نعمت ڪانهي. هيءَ تہ ٿي وڏن ساهوارن جي ڳالهہ. پر آڙ جهڙو جيتامڙو پکي، جو رنگ جو ڪارسرو ٿيندو آهي، سو بہ برسات لاءِ ڏاڍو تڙڦندو آهي. جيئن ڏلو تہ آڙن جي پڪار پيئي پوندي. سپ سمنڊ ۾ بہ اَبر جي انتظار ۾ هوندي آهي. تاڙو تنواريندو آهي. پيا پکي بہ مينهن لاءِ ماندا. مطلب تہ ساري جوڙ ۾ آنڌ مانڌ هوندي آهي. ڏينهن ڏينهن ڏکيو گذرندو آهي ۽ هر رات انتظار ۾. اهڙي سنڪٽ جي سمي ٻاجهاري جي ٻاجهہ ڏاران ڪو وسيلو ڪو نہ. اُن وقت رب جي رحمت جنبش ۾ اچي ٿي. اَڪثر اولهہ کان ڪکر چوٽي ڪيندو آهي. ٿرين کي تہ آسمان جي رنگ روپ جي اهڙي شناس ۽ پکين ۽ جيتن جي ٻولين جي بہ اهڙي ٻوجهہ آهي، جو اِنهن اُهڃاڻن مان ئي سهي ڪيو وٺن تہ برسات آئي ڪ آئي.

برسات جو نظارو شاهہ ڪهڙو نہ دلپذير چٽيو آهي :

اَڄ رسيلا رنگ بادل ڪڍيا ٻُرجن سين
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي، بَرُ چنگ
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڈام تي.

برسات وسڻ مهل آسمان جڻ تہ ڪنهن دلفريب ناٽڪ جي رنگ ڀومي بڻجيو پوي. ڪي ڪکر اوپر تہ ڪي اولهہ، ڪي اُتر تہ ڪي ڏکڻ پيا ڍڪ ڊوڙ لائين. سندن رنگ نرالا، روپ نرالا، صورت نرالي، سونهن نرالي. وقتي سڄ سان چپ راند، وقتي آسمان تي گهنگهور گهٽا. جنهن مهل بادل پاڻ ۾ ٽڪرجن ۽ گجگوڙ ٿئي، وڄ وراڪا ڏئي ۽ مينهن جو وسڪارو ٿئي، تہ آسمان تي راڳہ جي محفل لڳيو وڃي، گويا ساز سارنگيون، سرندا ۽ مرڌنگ پيا وڄن. ڪهڙي گوَئي جو آلاپ يا ڪهڙي ساز جو آواز اُنهن سان مٽ پئجي سگهندو؟

ڪکر دنيا لاءِ وڏي نعمت آهي :-

(۱)

سهارو ڪکر آهہ سنسار جو
مليو ڏاڻ عالم کي ڏاتار جو
ڪرم آهہ دنيا تي ڪرتار جو
علاج آهہ تنگيءَ جي آزار جو
وَسي وَس ڪندو ملڪ آباد جلد
غريبن اميرن کي دل-شاد جلد.

(۲)

ڍڪي ڪنهن گهڙيءَ اُڀ سڄو ٿو ڇڏي
تہ ڪنهن وقت پاڻيهي وٺڙيو وڃي
ڪڏهن جوش کان سخت پلٽيو پوي
قرار آهہ نہ هن کي هڪ حال تي
ڪڏهن روپ ڪارو، ڪڪوريل ڪڏهن
نہ ڏاري ٿو پوشاڪ هڪڙي هڏهن.

(۳)

وسائي ڪڏهن مينهن، ڪڏهن بوند ٿو
سندس ڍنگ آهي نرالو ٿيو
ڪڏهن جوش سان ٿو وسائي ڳڙو
ڇڏي ٿو تڏو ڏوئي پو ملڪ جو
ڳُڙي پر وسي ڪين ڪنهن دم عزير
ڪکر جا نوان پوُر هردم عزيز.

وٽن جي پنن مان پاڻي ٽم ٽم ڪري پيو ڪري تہ الستي آلاپ پيو نڪري. بعضي اَجهل برسات ڪري جايون جهڳيون ڍهي پونديون آهن. اِهو ويچار ايندي شاهہ کي وڇي وانڍن جي يادگيري


ليک/لالسنگھ اَجواڻي

ٻولي ۽ ساهتيہ
(هڪ ضروري ويچار)

جي ڏٺي چاهي ها تہ جهان ۾ هڪ ئي ٻولي هجي ها. پر جنهن ڪاريگر انيڪ جيو اُپايا ۽ هڪ جو محاندو ٻئي جهڙو نہ ڪيو سو ڪيئن اهڙو ڪم ڪندو جنهن ڪري سنسار ئي ڪُڄَسو، ٿلهو ۽ بيسوادي ٿي پوي؟ بائيبل واري جي ليکي موجب هيتريون زبانون ٿيون انهيءَ ڪري جو انسانن ٿي ايشوري قلعي تي چڙهائي ڪئي، ۽ سندن برج کي ڍاهڻ لاءِ خدا منجهن ٻولين جو گوڙ ڪاهي وڌو. پوءِ هڪ ڳالهائي تہ ٻيو نہ سمجهي، ۽ سيئي نيٽ ٽڙي پکڙي ويا؛ برج ائين ئي اڌورو رهجي ويو. پر سچ پچ تہ سبب ڪو ٻيو ئي آهي نہ؟ جي جيوت هڪ ئي منزل تي بيهي رهي، تہ انسان جي ٻولي بہ هڪ درجي تي بيهي سگهي ٿي. پر جنهن جيوت جو مول متو ئي آهي پلٽو کائڻ ۽ لحظي لحظي ۾ ٻيو ٻيو چمتڪار ڏيکارڻ، سا ڪيئن باسيندي تہ ڪهنا لفظ ۽ ڪهنا اصطلاح، ڪهنا اُچار ۽ ڪهنا آواز نئين روشني ۽ نئين شڪتي نمودار نہ ڪن؟ جيوت جي جنبش جاري آهي تہ ٻوليءَ جو ٻول بالا آهي. نوان نوان روپ ويندا ظاهر ٿيندا، نوان وستر ويندا نڪرندا.

تنهن ۾ بہ جنهن ٻوليءَ ۾ ساهتيہ پرگهٽ ٿيو ۽ جيوت جو جلوو پختن ۽ دلفريب وچنن دواران پرسڌ ٿيو تنهن ۾ تہ هر گهڙيءَ ڦيرو اچڻو آهي. انگريزي ٻولي اڄ عالمگير ٻوليءَ جي دعويٰ تي رکي تہ انهيءَ ٻوليءَ ۾ جيتري اُلٽ پلٽ آهي تيتري ٻي ڪنهن ۾ بہ ڪانهي. روز پيا نوان لفظ ايجاد ٿين، جملن جون بيهڪون ڦرن ۽ اڳين گرامرن يا وياڪرڻن جي قاعدن جا خاتما ٿين. ڊڪشنرين وارن جي تہ محنت ئي برباد؛ هڪ سال جي ڊڪشنري ٻئي سال اڌوري ۽ ناقص ٿيو پوي. انگلنڊ ۾ انگريزي هڪڙي تہ آمريڪا ۾ ٻي. هِجي ۽ اُچار بابت تہ ڪو قاعدو ڪونهي. ساهتيہ وارا جيئن وڻين تيئن پيا ٻوليءَ کي بيهارين، وڌائين يا گهٽائين. اسان ڪو نہ ٻڌو تہ ٻوليءَ جي اصل نسل جي ڄاڻن ۽ پارکن يا گرامر لکندڙن ڪڏهن بہ انگريزي ساهتيہ وارن جي قطار ۾ پاڻکي ڳڻيو، يا قاعدا قانون پڙهيءَ تي لکي ساهتيہ وارن منجهان چوڪون ۽ ويڪون ڪڍڻ جي همٿ ساري. ڀلا جڏهن ٻوليءَ جا قاعدا ٺاهيندڙ ڍاهيندڙ ٿيا ساهتيہ وارا هڪڙي طرف تہ جيوت جا اڳوان ٻئي طرف، تہ پوءِ هنن پنڊتن جي ڪهڙي مجال جو ٽان ٽان ڪن؟

پر اسانجي سنڌڙيءَ ۾ اصل ڪو ٻيو ليکو آهي. هتي راڄ لڳو پيو آهي لفظي استادن جو، ماسترن ۽ پروفيسرن، پنڊتن ۽ ملن جو، جن جي نظر گهڻو ڪري لفظن جي اشتقاقن ۽ گرامر جي قاعدن، ۽ جملن جي بيهڪن ۽ اصطلاحن تاءِ محدود آهي. خود سندن لکڻي اڪثري اهڙي آهي جو ويهن ٽيهن سالن کانپوءِ ڪوَ پڙهندو بہ ڪين، پر حال في الحال تہ سندن زور آهي. سڀني هڪ ٻئي کي بہ نہ. هلن ائين جڻڪ ساهتيہ نڪتو ئي گرامر مان ۽ فئلالاجيءَ (Philology) يا ٻوليءَ ۽ لفظن جي گيان مان. ’آئي ٽانڊي کي، بورچياڻي ٿي ويٺي‘؛ هي وياڪرڻ ۽ اشتقاقن وارا مستري بہ ڪاريگر سڏائي ساهتيہ جا مالڪ بڻجي ويٺا. اهڙن جي، هڪ مشهور انگريزي پروفيسر ۽ گرنٿڪار، سر آرٿر ڪئلر ڪوچ چٽي لاهہ لاٿي آهي. سنڌيءَ ۾ اڳيئي ساهتيہ ڪونہ ليي،



لعلسنگھہ هزاریسنگھہ اَجواڻي

جنم : ١٧ جولاء ١٨٩٩ع، ديهانت : ١٨ اَپريل ١٩٧٦ع

(جنم شتابدي سال)

آهن نہ نالي ۽ نسل جا، جي گيان ۽ وگيان جا حامي آهن پر بل ۽ بڌي ۽ پراڪرم جا تهان وڌيڪ ڳولائو آهن. ساهتيہ جا بڻائيندڙ اُهي ڪيئن ٿيندا جي بحر ۽ وزن ۾ ڳتل آهن ۽ گرامر جي قاعدن ۾، جي حڪم هلائڻ ٿا چاهين ۽ پيسو گڏ ڪرڻ، جي علم کي عقل تي ترجيح ٿا ڏين، جي لفظي ڏنڊن ۾ قاتل آهن، جي پنهنجي هوشياريءَ ۽ سڄاڻيءَ کي ڏسي پيا گد گد ٿين، جن ۾ جيوت جي رفتار ڏيمي ڏيمي هلي رهي آهي، جي اوزارن کي اصليت ٿا سمجهن، ۽ انهامن کي منزل مقصود، جي ڪتابن جي وڍ ڪٽ ۾ ماهر آهن، ۽ جنهجي لاءِ ڪوي چئي ويو آهي :

ساڪي لاءِ بناءِ ڪر اِت اُت اکشر ڪاٽ،
ڪهين ڪبير وہ ڪيون جيوين جولي پاتل چاٽ؟
(سنڌوُ-جنوري ١٩٣٦)

ليک/لالسنگھ اَجواڻي

پاڻيءَ جو اَثر بدک جي پٺيءَ تي

پاءُ صدي اڳي، انگريزن جي زماني ۾، سنڌ، بمبئي کاتي کان ڇڄي ڌار ٿي ۽ گورنر مليس. انهيءَ گورنر جي دل ٿي تہ سنڌ جو مربي ڪاليج نظر مان ڪڍان، سو آيو اسانجي ڪاليج، ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ۾، ۽ اتي جيڪي ڪتاب لئبرريءَ ۾ ڏٺائين تن کي چڱيءَ طرح تپاسيائين. جيئن جيئن ڪتاب نظر مان ڪڍندو ويو تيئن ويو خوش ٿيندو ۽ نيٺ چئي ڏنائين تہ منهنجي ولايت جي ڪاليج جي لئبرريءَ کان هيءَ لئبرري گهٽ ڪانهي. اهي ساڳيا ڪتاب پڙهي وڏا امتحان پاس ڪيم. الائي ڇو، گورنر جي رمارڪ مونتي اُلٽو اثر ڪيو ۽ منهنجي دل کي دکي ڪيو. اُنهيءَ سال مون ڪاليج جي گولڊن جبلي ڪتاب تي ويلي محنت ڪئي ۽ سنڌ ڪاليج مان پڙهي نڪتلن جي ياداشت ويلي تيار ڪئي.

مون پاڻکان پڇيو تہ ڪهڙو سبب آهي جو ساڳيا ڪتاب پڙهي ولايت جا گرئجوئيٽ ودوان، اورچ ۽ ساڄھ وارا، بلڪ لڳن ۾ لڳل ٿا ٿين ۽ اسانجا گرئجوئيٽ ڪوري جا ڪورا رهجي ٿا وڃن؟ پستڪن جو اثر اسانجي ڪاليجي جوانن تي چو اهڙو مڦاچرو ٿو ٿئي جهڙوڪ پاڻيءَ جو اثر بدڪ جي پٺيءَ تي. ولايت جي گرئجوئيٽن تي چو اهڙو گهرو اثر ٿو ٿئي جهڙوڪ پٿر تي ليڪو؟

انهيءَ سوال جو جواب تسليٰ جهڙو ڪو نہ پاتو اٿم ۽ شايد نہ بہ پائي سگهجي. پر هڪڙي ڳالھ پي جاچي اٿم. اها هيءَ آهي تہ اسان جو پستڪن جي سچائيءَ ۾ وشواس ڪونهي. وات سان ڪجھ بہ ڪٿي چئون، اندر ۾ اسين پستڪن کي سچ نہ ٿا سمجهون، پنهنجي هردي ۾ انهن کي جاءِ نہ ٿا ڏيون. جيڪڏهن ڪو ڪٿي سوين حيلا هلائي اسانکي ڏُتارڻ لاءِ تہ باھ ۾ هٿ وجهو تہ نہ سڙندو تہ اسين ڪداچت نہ مڃينداسين. باھ ساڙيندي اهو يقين اٿئون، مٿي ماري هٿ باھ ڏانهن نہ ڌگهيڙينداسين. پر گيان ۽ وگيان جي ڳالهين ۾ ڪو بہ يقينو نہ اٿئون، ڪجھ بہ سچ نہ ٿا سمجهون، نہ ايشور جي سچائيءَ ۾ وشواس اٿئون نہ سونهن ۾، نہ گيان ۾ نہ وگيان ۾، نہ شڪتيءَ ۾ نہ مڪتيءَ ۾، ڪو يقينو اٿئون تہ مايا ۾ يعني ڌن ۾، ڪپٽ ۽ ڇل ۾، ۽ خوشامد ۽ رسائيءَ ۾، ’خوشامد سان الله بہ راضي،‘ انهيءَ ۾ وشواس اٿئون. ’پيسي سان ڇا نہ خريد ڪري سگهبو،‘ اهو اسانجو ايمان آهي. ’ڪنهن کي منهن تي ڇو چئي ڏجي،‘ اها اسانجي نيتي آهي. هن مٿيا جڳت ۾ پنهنجي آتما کي بہ مٿيا ٿا سمجهون، پوءِ جي پستڪن جي تھ ۾ نہ پهچي سگهياسين تہ وڏي ڳالھ نہ آهي.

(ڀارت جيون - آگسٽ ١٩٦٢)

پڙهندڙن ۽ لکندڙن جو قحط: نثر ته ڄڻڪ آهيئي ڪو نه، باقي جو هنن پنڊتن جي- ڳٽ مٽ ۽ علميت جي دعويٰ ۽ قاعدن قانون جي ڪڙ پڇاڙ رڻ ٻاري ڏنو آهي تنهن ته ساهتيه جي اُتساهي پرشن کي هيٺو ڪري ڇڏيو آهي. سر آرٿر ڪئلر ڪوچ ته صاف لکيو آهي ته انهن لفظي پنڊتن ۽ ماسترن جي جهنگل کي ڪاٽا ڪري رستو صاف ڪريو ته ساهتيه جو سڌارو ٿئي. گرامر ۽ ڊڪشنريون چڱيون، لفظن ۽ جملن جو گيان به چڱو، پنڊت ۽ ملا به چڱا، پر اصل ساهتيه، اصل جيوت جي جنبش ته ڪي ٻيون چيزون آهن. ائين ته اسانجا يار ڪارلائل جي نثر ۽ شيڪسپيئر جي شعر مان به چوڪون ڪڍي سگهندا. اهڙيءَ ريت ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جا پنڊت ٽاگور جي بينگاليءَ مان چوڪون ڪڍندا هئا. چونتا ته هڪ لڳا ٽاگور جي پستڪن مان هڪ ٽڪرو ڪڍي مئٽرڪ امتحان ۾ ڏنائون ته چوڪون لهو! پر پوءِ جڏهن ٽاگور کي سڄي جڳت سڃاتو ته اهي چوڪون ميلجي ويون، ۽ ٽاگور ته شعر ڪو نه سڌاريو پر بينگالي وياڪرڻ پاڻ سڌري ويا! جيئن پاڻيءَ جي وهڪري ۾ گند رهي نه سگهندو آهي، نڪي باھ ۾ پوڻ ڪانپوءِ ڪا ملينتا رهجي سگهي ٿي، تيئن جيوت جي تيز رفتار ۾ سڀ اٽپورايون مٽجي سندر سروپ ٿيون وڃن، ۽ ٻوليءَ جي ڪچائي ڦڪائي ساهتيه جي نرمل چشمي ۾ پئي پوتر آب ٿيو پوي. زنده ٻوليءَ ۾ اوس ڦيرو ٿيٺو آهي. ڪاله جا قاعدا اڄ نه هلي سگهندا. ٻولي مٺي ته پل اڄي وڌ ڪٽ وارا ڪپ ڪاٽي ڪڍي چيرين ڦاڙين، پوءِ پل اڄي ڪمي ڪاسبي باٽليءَ ۾ بند ڪري عجائب خاني ۾ رکن ته آيو ويو جاچي ۽ تپاسي. پر جنهن ٻوليءَ ۾ اجا ساهُ آهي تنهن کي ڇڏجي ته پلي وهندڙ نديءَ وانگر پنهنجا ڪپ پاڻ ڊاهي، ۽ ويرانن کي آباد ڪري. ماسترن ۽ پروفيسرن جو ڪم آهي ته سيکڙاٽن کي دڳ لائين، اُتساھ پيدا ڪن، اڳين خزانن جي سڌ ڏين ، ۽ ساهتيه جي چمڪندڙ ستارن ڏي اشارو ڪن. پلي گرامر فئلالاجيءَ ۽ ڊڪشنرين جو اڀياس ڪن ۽ اڀياس ڪرائين، پر جنهن وقت هو حد ٽپي ساهتيه جا هرتا ڪرتا ٿيڻ ٿا چاهين، جوشيلن ۽ اُمنگه ڀريلن کي يا ساهتيه جي اُستادن کي پنهنجي فوٽ ڪٽيءَ سان ٿا ڪڇين، تنهن ويلي هو ساهتيه جا ويري ٿا بڻجن. ائين نه آهي ته معلم ساهتيه لکي نه سگهندا: ڪن ڪن معلمن ساهتيه ۾ بيشڪ نالو ڪڍيو آهي. پر جنهن معلم جي درشٽي ڪي علم ۽ ڊگرين جي ٻانور ڪري، ڪي گرامر فئلالاجيءَ تي ڪڏڻ ڪري، تنگ ٿي وڃي ٿي، تنهن لاءِ ساهتيه جو دروازو بند ٿي وڃي ٿو. وڏي ڳاله ته اهڙن معلمن جي پرچار ڪري اُهي جن ۾ جيوت جي اُڇل ڪري ساهتيه جو شوق پڙڪي ٿو اُٿي سي دلگير ۽ مايوس ٿا ٿي وڃن ۽ سندن خداداد قابليت دٻجي ٿي وڃي. اهڙن پنڊتن ۽ ملن کي ياد رکڻ کپي :

تو براي وصل ڪردن آ مدي،
ني براي فصل ڪردن آ مدي.

ساهتيه کي ڪير ٿا بڻائين؟ ساهتيه کي بڻائين ٿا اُهي جنجو دماغ بلند، دل روشن آهي، جن ڳهٽو ڪيو ۽ ڳهٽو سنو آهي، جن جي پٺ ۾ تجربا ته اڳه ۾ اُمنگه آهن، جن کي درد آهي ته ٻهاري به آهي، جنڪي حسن جو شوق آهي، جن جيوت جي وهندڙ چشمي مان پاڻي پيتو آهي نه ڪتابن جي بيئل ڊنڊ مان، جن کي پنهنجي ذات لاءِ اُلفت آهي ۽ سڀن لاءِ همدردي آهي، جي ٻاهرين تجلي تي نٿا پلجن، جنجي اندر ۾ آڳه آهي، جي آزاديءَ جو منتر ٿا جپين نه مئل قاعدا ۽ قانون، جن جي نظر نه هن دنيا تي محدود آهي نه هن دنيا جي حاڪمن ۽ دنياداران تي، جي سڪولن ۽ مدرسن جا محتاج نه آهن پر قدرت جا مشتاق آهن، جي فنا ۾ بقا ٿا ڳولهين، جي عجائب خانن ۽ چڙيا گهرن جا چوها نه آهن، جي ڪاريگر آهن نه وڌ ڪٽ وارا، جي شڪتيءَ جا قائل

’جڻ ڪوئي مري ويو آهي‘


سنڌ مان لڏڻ بعد گنگارام ۽ سوپراج جڏهن ...زالن کي ڪئمپ ۾ اچي رهايو، تڏهن ڏيراڻيون، ...هرڪنهن ڳالهه تي گڏجي مورچو لاهي ڪڙيون تي ...ٿي ويئون. چي، ’اسين نه رهنديونسين هتي. هيڏا ...هيڏا ڪوئا، جن کان ٻليون به پيئون ڪن هٽڻ! ...نلن جو آزار! ڪاڪوس ڪنا. هن نرڳ ۾ ڪيئن ...رهي سگهبو؟‘ پائر هئي به سامهون صف لاهي ...بيهندا هئا. چي، ’هينئر ڏنڊو ڏاري ڪريون ڪين ...توهان جي لاءِ سنڌ واري صاحبي موٽائي ولي اچون ...؟‘

سنڌ ۾ جدا رهندڙ ڏيراڻيون هتي نئين سر ...جو هڪٻئي جي پر ۾ اچي رهيون ته جهڙيون ...ساهيڙيون. پاچي رڌين ته هڪٻئي کي ضرور ڏين، ...پاپڙ ڪن ته به سڏيءَ سڏ، پاڻي ڀرين ته هڪ ٻئي ...لاءِ نمبر تي موريو رکي ڇڏين. خريداري ڪرڻ ...نڪرن ته به گڏ هجن ئي هجن.


...سڀ کان وڏو سک ڏيراڻين، هڪ ٻئي کي ...ويم سيم تي ڏنو. مٽ مائٽ ته ويجهو هئا ڪين، ...انڪري هڪ ٻئي جون اَديون به هيون ته اَميون ...به هيون. ٻار به سال به سال هن نه هن گهر تي، ...پنهنجو وارو وٺيو ئي ويا هئا. هئا به تمام تنا. ...اڄ هن رانديڪو ٽريو، هن پٽر هنيو، پر ڏيراڻيون ...پوءِ به ڪين وڙهيون.

لاجونتيءَ کلي کلي ڏير کي چيو، ’ڏيرم، تنهنجو هيءُ ايشور ڪڪو ته باباجن تي ويو آهي.‘ سوپراج به لاجونتيءَ جي ٿر ٿر ڪندڙ ڪڪيءَ کي هنج ۾ کڻي چيو، ’۽ هيءَ تنهنجي پڏي رتنا ڏس نه، جهڙي اَما‘. سندس پتنيءَ راڻيءَ به سر ولائيندي چيو، ’ائي ها پاپي! هيءَ ته ساڳي اَمي موٽي آئي آهي.‘ لاجونتيءَ به چپن تي ڏاڍي فخر جو وکڙ آڻي چيو، ’هائو ڇوريءَ جا گهاروءَ گهڙيا روش به ساڳيا اَميءَ جهڙا ته چمڙي به ساڳي ڪير جهڙي.‘ گنگارام ڏيءُ کي ائين ڏسڻ لڳو، جڻ ڪو پهريون ڀيرو ڏسندو هجي.

وقت گذرندي ويرم ئي نه ٿي. ايشور ۽ رتنا ته جلدي قد کڻي ورتو. دڪان تي، ايشور جي، پنهنجي چاچي گنگارام سان، پيءُ کان به وڌيڪ بڻت هئي، ته هيڏانهن گهر ۾ رتنا پنهنجي چاچيءَ کي وڌيڪ عزت ڏيندي هئي. چاچي ويم ۾ هئي ته رتنا رنڌڻو پٽي سنڀاليو. ايشور اچي چائنٽ تي ويهي رتنا کان ڪوسو ٿلڪو به پيو وٺندو هو ته دنيا ڀر جون ڳالهيون به پيو ٻڌائيندو هوس. فلمن جون ڳالهيون ته ڪٿڻ جون ئي نه هيون. رتنا ته ڪئمپ ۾ ئي پيءُ سان يا چاچيءَ سان فلم ڏسي ايندي هئي پر ايشور بمبئيءَ جا وڏا وڏا ٿئيٽر ڏٺا هئا. هڪ ڀيري رتنا چيس، ’ڪڏهن ائين به چيو اٿيئي ته هل توکي اَپسرا ڏيکاري اچان!‘



پوپٽي هيراننداڻي
جنم ١٧ سيپٽمبر ١٩٢٤



سندري اُتمچنداڻي
جنم : ٢٨ سيپٽمبر ١٩٢٤

ٻنهي کي ٧٥ سالگره جون مبارڪون
سنڌالاجي پريوار

مان - ٻي ڳهر سنڌڻ

اڪبر اعظم جي دربار
۽ حسن جي سرڪار
پوءِ بہ
انارڪليءَ کي جيئري ئي دفن ٿيڻو پيو
ڀارت جي دلهن - دهلي
۽ منهنجي گهر جوڙڻ واري اعليٰ 'موئن جي دڙي'
واري سڀيتا
پوءِ بہ
مان - سنڌڻ
ٻي ڳهر ٻڌجي در در ٺوڪرون کائي رهي آهيان!

(مان سنڌڻ - ١٩٨٨)

وِندر

اسانجي هر وندر هاٺي
وجي هڪ وندر ۾ اَٽڪي
نہ ڀائي تَن مٿان ڪپڙو
نہ من کي ڪو وڻي جَذبو
رڳو هڪ تار تنتن ۾ .
ڪٽي هڪ آس اڪڙين ۾
اسانجي دل وئي ڀڪي
اسانجي هر وندر ساٿي
وجي هڪ وندر ۾ اٽڪي.
(هيڳاءُ - ١٩٩٣)

انڪري پارڪ ۾ گپ لڳي پيئي هئي. رتنا محسوس ڪيو، سندس ڇپن ۾ گرم خون ڊوڙي رهيو هو ۽ بدن ۾ ڪائي عجيب هلچل هئس. چيائين، ’اڄ مونکي ٻڪڙ تي دل ٿي ٿئي.‘

’ٻڪ تہ سهين! برسات هٽي ستيا ئي ناس ڪري ڇڏي آهي.‘

’پر برسات جي ڪري ئي تہ باغ ماڻهن کان خالي آهي،‘ چوندي ڪنهن غلطيءَ جي احساس کان رتنا چپ ڪي ڪٽي چڪ پاتو .....ليڪن ايشور اڳيان وڌي سندس هٿ پڪڙي چيو، ’ويچارن ڇپن کي وڌيڪ لال تہ نہ ڪر!‘

هڪ ڪن لاءِ هنجي محسوس ڪيو، هو ترڪي رهيا هئا مگر ترڪڻ جنهن تي پير رکيو هئائون، تنهن تان بچڻ هاڻ محال هون ...

لاجونتيءَ گهر ۾ جڏهن ايشور ۽ رتنا جي وچڙ گهري پنهنجائي ڏٺي، تڏهن چالاڪ سهي وانگر سندس ڪن ڪڙا ٿي ڪائي ٿوه ولڻ لڳا. ڪمند ڪسيندي ايشور رتنا کي هانهن ۾ چڪ پائي ڪڍيو يا رتنا ڪانئس فوٽا ڪسيندي ۾ ٿي ڏڪ وهائي ڪڍيس تہ لاجونتي گرم ٿي ويئي. چي، ’هاڻي ننڍڙا ٻار ڪو نہ آهيو.‘ پر ڪير جو سندس ٻڌي؟ بس اونڌي گهڙي تي پاڻي. هڪ رات تہ هوءَ گنگارام سان بہ اٽڪي پيئي. چي، ’ڏيءُ وڃي ٿي ڇت جيڏي ٿيندي پر اُتو ڪا اونَ؟‘

گنگارام بہ خفي هو. چيائين، ’اهي ڪم زالن جا، اونَ وري مان ڪريان؟‘

’زالن کي ڏاڍي هڙ چوڙي ڪا نہ ڏني اٿو؟ چوريءُ لاءِ ڏيب سيب رڳو هئي ڪنهن هنڌان ڪٽي اچڻا اٿم!‘

’ها، تون رڳو ڪُلي ولهي آهين، ائين نہ؟ يا غريب غربا بس شاديون ئي ڪو نہ ٿا ڪن؟‘

’تہ غريبن واري اول هلت بہ هجي نہ اسانجي.‘

’هلت بہ توهين زالون ٿيون وڌايو، نہ تہ هين ذاتين ۾ بہ اسان جهڙا ماڻهو آهن، پوءِ اٿن ڪو توهان وانگر ڏيکہ ويکہ ...‘

’سڄي جاتي جا اهڙي ٿي تہ ڏيکہ ويکہ بنا ڪا ڳت تہ ڪانهي.‘

گنگارام وڌيڪ بحث فضول سمجهي، منهن هئي پاسي ڪري ڇڏيو.

آخر هڪ ڏينهن اهڙو اچي پهتو جو اوچتو ئي اوچتو هئي پائر هڪ هئي کي اکيون شيڪڻ لڳا. لاجونتيءَ ۽ راڻيءَ هڪ هئي سان پاڇيءَ جي وات تہ ڪلي ڇڏي پر ڳالهائڻ بہ بند ڪري ڇڏيائون.

ايشور ۽ رتنا لنگهندا هئا تہ اکيون جهڪائي، ڄڻ هڪ هئي ڏي ڏسڻ گناهہ هو. ننڍا ٻار سندن نقل ڪندا هئا. ڪين لنگهندو ڏسي هڪ هئي ڏانهن ڇيچ وڌائي ڳجهو ئي ڳجهو کلندا هئا. رتنا پيٽرن کي اندر ولي وڃي ماريندي هئي. ايشور پنهنجن پاٿرن کي سٽڪارا ڪيندو هو.

هاڻي ٻارن جي وڙهڻ تان ڏيراٽيون، هڪ هئي لاءِ گارگند ڪندي بہ دير نہ ڪنديون هيون. پاڙي واريون ڪين ذري ذري ڳالهہ تي وِچ ٿيندو ڏسنديون هيون تہ ڏاڍو عجب ڪائينديون هيون.

مگر رات رات هنجي ڏيراٽين جي ڪڙاهہ، ڪوئي نہ ڏسي سگهيو. لاجونتي آڌيءَ رات جو پاسا ورائيندي پتيءَ کي اُٺاري چوندي هئي، ’ڪهڙو هي ڪڪٽ ٻريو. هاءِ هاءِ چوري هڪ هڪ پير ٿي ڪٽي تہ پانيان، ان پير هيلان آگہ ٻاري رڪانس ۽ هو نياڳو ايشور! منهنجي در وٽان ٿو لنگهي تہ چوان جيڪر شيخون ٻاري مٽي جون اکيون ئي ڪڍي رکان ...‘

۽ راڻي صوبراج کي اُٺاري چوندي هئي،

ايشور کَن پڪڙي گوشائتو چيو، ’توکي بابا ڪير وٺي هلي. سئرا بانوءَ جيڏي ڏگهي ته ٿي ويئي آهين. دادا ٻڌي ته دٻ ڪڍي.‘

’۽ تون ٻه ته دليپ ڪمار پيو لڳين. دادا جڻ توکي ڪجھ چوندو آهي، ڇڏ ته ڪيسو خالي اَٽيئي.‘

’هي، چپ ڪر چپ! پنهنجو ته هاڻي بئنڪ ۾ اڪائونٽ ٻه کلي ويو آهي.‘

’مان ٿي بابا سان وڃي وڙهان.‘

’ٻڌ ٻڌ. هڪڙو شرط. گهر ۾ ڪنهنکي سڌ نه پوي ته پوءِ وٺي هلانءِ.‘

گهر ۾ فرصت سا ڪنهنکي رکي هئي خبر لهڻ جي. ايشور، دوستن سان پڪنڪ جو بهانو ۽ رتنا، ساهيڙين سان پڪچر ڏسڻ جو سانگه رچيو. لاجونتيءَ آنا ڪاني ڪئي ته ڏيءُ ڪاڏو نه ڪائڻ جي ڏمڪي ڏني. لاجونتيءَ ٻاھ چنڊي، ’چوريون ڪي ٿيون آهيو؟ اٿو ڪو ڌرم ڪرم ، ڪو پنو پوٿي، ڪا شيوا پوڄا! بس جيئو ٿيون، رڳو ڪائڻ پيئڻ ۽ رلڻ پنڻ لاءِ!‘

’سڄو ڏينهن ته توهانجي ٻارن جي شيوا ٿي ڪجي. پڙهڻ ٻه انڪري ڇڏي اچي وينيس. اڃا ڇا ڪريان؟‘ چوندي چوندي رتنا جا لڙڪ لڙي آيا.

’چڱو وڃانءِ وڃانءِ، وات - وڪيل!‘

رتنا ڏاڍو تڪڙ تڪڙ ۾ سڀ ڪم پورو ڪري ورتو.

لاجونتيءَ وڃڻ مهل چيس، ’ڇوري ڪي جهڪي ته هل، سينو تاڻي ٿي نڪرين، ڄڻ جنگه تي ٿي هلين.‘

رتنا ڪلندي ڪلندي ڀڄي ويئي.

رات ٻري ته لاجونتيءَ اچي ڏيراڻيءَ سان اندر اوريو. چي، ’اڄ ڪلھ ٻارن کي ڪپي رڳو ڇٽو، لَٽو ۽ سئر سپاٽو، پوءِ مائٽن جو ٻل لڪيءَ ۾ ساھ وڃي اٽڪي.‘

راڻيءَ چيو، ’ٻڇي ٻه ته نٽو سگهجي. ’نه‘ چئه ته مٺن جو ٻوٽ ٻريو وڃي ...‘

رتنا جي ڏاٽ هري ته هڪ نه ٻئي آرتوار تي ايشور سان پروگرام پيو ٺهندو هو. بمبئيءَ جو شهر آٿاھ. تتي ڪو پنهنجو ڳڌجي ڪو نه جو مائٽن کي ڪا ڪانگي پهچائي. بس ٻنهي کي ڇيڪ نوڙي ملي ويئي.

هڪ ڏينهن رتنا ۽ ايشور بس ۾ ويٺا هئا. سئنيما تان موٽيا هئا.

رتنا پڇيو، ’اڪثر پريمي جوڙا، هر پڪچر ۾ باغ ۾ ٻڪون پائيندا ڇو ٿا نظر اچن؟‘

ايشور چيو، ’اهو ته پاڻ ان طرح ڪري ڏسجي، تڏهن معلوم ٿئي.‘

رتنا جا ڳل ڳاڙها ٿي ويا. سوچيائين، ايشور ته سؤٽ آهي، ٻاءُ سمان، هن سان گهمڻ ڦرڻ ۾ ڇا آهي؟ ۽ ٻئي ڀيري چوماسي ۾ جڏهن ڪملا نهرو پارڪ ۾ ايشور، رتنا کي هيٺ ڇڏي پاڻ بوٽ هائوس ۾ هليو ويو، تڏهن رتنا محسوس ڪيو، ايشور ڪانسواءِ بس سڄو پارڪ ڄڻ سڃو هو. ويتر جو شرارتي ڇوڪرو اچي رتنا جي ويجهو ويٺو ته هنجي دل دهڪڻ لڳي. هوءَ تڪڙي تڪڙي بوٽ هائوس ۾ هلي ويئي ۽ ’ايشور ايشور‘ پڪارڻ لڳي. متي پهتي ته ايشور ٻه ٻنهي ٻانهن سان سندس آجيان ڪئي. رتنا سندس هٿ وٺي پنهنجي ڇاتيءَ تي ڪٽي رکيو. ’ڏس ڪيئن پيئي منهنجي دل دڪ دڪ ڪري. ڇو هيٺ ڇڏي آئين؟‘ ڏاڪڻ تي ڪنهنجي چڙهڻ جي آهٽ پائي، ٻئي جدا ٿي ويا ۽ هٿ هٿ ۾ ڏيئي هيٺ لهي آيا.

برسات کي بند ٿئي تمام ٿورو وقت ٿيو هو،

سچ چوڻ جي چوٽ

’رچنا-٨٢‘ (اَپريل-جون ١٩٩٩) ڪهاڻي اَنڪ-٢ تِي نڪتو آهي، جو سنڌيءَ جي برک ڪهاڻيڪار شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪوَر- چتر ساڻ آيو آهي.

هيءُ رويو مان هڪ ’اِشتهار‘ بابت نوٽ لکڻ سان شروع ڪندس. ’هوٽل‘ روز ووڊ‘ ٿيلا ساميا جي بيماريءَ طرف سنڌي جاتيءَ جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪيترين مخزنن ۾ نيمائتو اِشتهار ڏيئي، چڱي عرصي کان جس جو ڪاريہ ڪري رهي آهي. مان جيڪر اُنهن جو ڌيان ڇڪايان. اِهو اِشتهار انگريزيءَ ۾ وري بہ ڪافي چٽو يا سمجهہ ۾ اَچڻ جهڙو آهي. سنڌيءَ ۾ اهو ايترو چٽو يا صاف مطلب نٿو ڏئي. اَنگريزي اِشتهارن ۾ ڪي لفظ يا ڪا سٽ سنڌيءَ ۾ لکيل بہ نہ آهي. اهو بلڪل صاف لکڻ بهتر ٿيندو تہ پرش ۽ اِستري، جي بنهي کي ٿيلا ساميا مائينر بيماري (يا رت ۾ اُهي جزا) آهي تہ هنن جي شاديءَ کان پوءِ ٿيندڙ ٻچڻ ٻارن مان ڪنهن هڪ کي ٿيلا ساميا ميجر بيماري ٿيڻ جو اِمڪان آهي ۽ اُها بيماري لاعلاج آهي. يا ان طرح وڌيڪ ڄاڻ رکندڙ ڪجهہ وڌيڪ بهتر لکي سگهن ٿا. ان لاءِ رت جي تپاس ۽ بعد ۾ ڇا صلاح پريو آهي، اهو بہ شايد ڪليل لفظن ۾ لکڻ نيڪ ٿئي. ۽ هن دفعي جي ’رچنا‘ ۾ شري آنند هنگوراڻيءَ جي ذهانت جي ذڪ جي اظهار ساڻ، ’ڪجهہ‘ وڌيڪ ’ڄاڻ‘ جي ضرورت بہ محسوس ٿي.

’ساهت جو ڪارج‘ ۾ ڪلا جي اُديش بابت ٻن مقبول فڪرن تي، اُنهن جي بنيادي نُقطن تي گهرو سوچ ويچار ڪيو ويو آهي ۽ ٻنهي جو قدر ڪيل آهي. اَلبت نتيجو جن لفظن ۾ ڏنل آهي، اتي ٿورو لفظي تضاد ٿاري سگهجي ها. (’ڪلا ڪلا لاءِ‘ روح کي سڌو ۽ ’ڪلا زندگيءَ لاءِ‘ روح کي دل ۽ دماغ ذريعي ڇهي ٿي. هت روح دل ۽ دماغ ڪجهہ ڪسرت ڪرائن ٿا.)

’رچنا‘ جو هيءُ انڪ شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪوَر اِسٽوري ٿو پيش ڪري. شيام کي ڪويتا، ڪهاڻي، ترجمي ۽ ناٽڪ تي اِنعام مليا آهن. هو فوٽو گرافر ۽ آرٽسٽ بہ آهي. سڀ کان وڏو تہ هو رولاڪ آهي - محنن تائين اڪيلو ديشي-وديشي جهنگلن ۾ ڀٽڪندڙ رولاڪ. ان کان بہ وڌيڪ هو اُنهن جو مٺو دوست آهي - جن کي اهڙو نصيب مليو آهي. وهنوار ۾ ڪٿي ڏکيو پر وڌيڪ ڏُکٽو بہ لڳندو ۽ ڏک سهي بہ ويندو. ساهت ۾ هو جيترو ’ماڊرن‘ آهي- زندگيءَ ۾ ايترو ئي سَهج. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هن جو درجو اڄ جي ريفرنس ۾ يگانو آهي. مون کان ڪو سنڌيءَ جون ٻہ بهتر نيون ڪهاڻيون گهري تہ مان جيڪر ٻئي ڪهاڻيون هن جون ڏيان. البت ڪويتا ۾ هو سنجيدهہ نظر نہ آيو آهي- يا هن جي ڪوتائن کي هڪ الڳ ڪنڊ کان ڏسڻ لازمي ٿي سگهي ٿو.

'منهنجي ته دل ٿي جلي. لاجونتيءَ جو نهارڻ ته مان سهي نه ٿي سگهان. ڇوري به هوندس ڪا ڏر جي ڦڻل.'

'پر اسانجي ايشور کي ڇا ٿيو؟ هيڏو سارو ڏکڻ، پيڻ جهڙي سوٽِ جي به سناخت نه پيس!'

'الاجي ڪيئن مت ڪٽس. اهڙو هو ته ڪو نه...'

هي ملڪ ڦٽڻ جا ئي انگور آهن. چوڌاري وايو منڊل ته ڏس. ڇا ڇڙواڳي لڳي پيئي آهي.'

'پر اسين به ته انڌا ٿي وياسين نه ....'

ان طرح هر رات، ٻنهي لڳو لڳ ٻئرڪن لاءِ، نئون حشر ٿي برپا ڪيو. رات جي ڪاري پردي اندر لڪل ڪا ڇپي، يڪدم ٻنهي گهرن ۾ جرڪي پوندي هئي.

اندر گهٽجي گهٽجي هڪ رات ته گنگارام اُٿي لَٽ ڪنئي. رتنا جو ڪومل بدن سڄو نيل نيل ٿي ويو. رتنا جون دٻيل رڙيون ايشور سوڙ ۾ ڳوڙها ڳاريندي ٻڌيون، سويراج ٻئرڪ ۾ اچ وڃ ڪندي ٻڌيون ۽ راڻيءَ ٻئي پوندا پيٽ ۾ اُگهندي ٻڌيون. انکان پوءِ لاجونتيءَ جي اوچنگار ۽ گنگارام جو سر پٽڻ.

هڪ رات ته رتنا رڙي رڙي چئي رهي هئي، 'هي نه ٿي پي سگهان امي! نه ٿي پي سگهان. انکان ته منهنجون ٽنگون ٻانهون ٻڌي ڪٽي نديءَ ۾ اُڇلي اڇو ...!'

ڪيترا ڏينهن ٻنهي ٻئرڪن مٿان موت جهڙي ڀيانڪ مات ڇانئي رهي. اوچتو هڪ ڏينهن، ڏيئن ٻرئي مهل سويراج، ايشور ۽ رتنا کي وٺي اچي، راڻيءَ اڳيان ٻهاريو. چي، 'آسيس ڏيِن، هاڻي تنهنجا ئي پٽ ننهن آهن. سول مئريج ڪرائي آيو آهيانِ.' راڻيءَ پنج ئي آڱريون ڪٽي نصيب تي رکيون. رتنا، سس (چاچيءَ) کي پيري پوڻ لاءِ هيٺ ويلي ته ويلي ئي رهي. اوچنگار سندس هردو ڏاري ٻاهر نڪتي. راڻيءَ جا پير آلا ٿي ويا. ايشور جون اکيون زمين ۾ هيون.

'اُٺ بابلي، شل سدا سهاڳڻ رهين.' چوندي راڻيءَ جي ڳلن تان ڳوڙها لهي آيا. ٻار واڻڙا ٿي هي سڀ ڏسي رهيا هئا.

گنگارام ۽ لاجونتيءَ جڏهن ايشور ۽ رتنا کي سويراج سان گڏ ايندو ڏٺو، تڏهن سندس اکين کي ڪٽي به جاءِ نه ملي سگهي. ششدر ٿي نيٺ زمين تي ڪپي ويئون.

سويراج چيو، 'پاپي، هنن ٻنهي کي آسيس ڏي. توهانجي رتنا سمجهو ته مري ويئي. هيءَ ڇوڪري مون ريل جي پٽن تان لڌي آهي.'

'اهڙي اولاد کان ته سڄ پلي،' چوندو گنگارام ته اُٿي منهن ڦيري هليو ويو.

جهر جهر لڙڪن کي منهن تان اُگهي لاجونتيءَ چيو، 'ڏيرم توهانجا ته احسان مڃون، پر اسان لاءِ هاڻي هتي رهڻ ڪو نه ٿيندو.'

سويراج وٽ هن کي ڏيڻ ڏيڻ لاءِ ڪي اکر ئي ڪين هئا. ڪيس پنهنجو من به ٽٽندو محسوس ٿيو ....

صبح صبح رتنا ۽ ايشور پنهنجي درياءَ ٻاهران ٻڌو، ٻار چئي رهيا هئا، 'الا! هيءَ شادي ته ڪهڙي ٿي آهي! ائين پيو لڳي ڄڻ ڪوئي مري ويو آهي!!'

(نئين دنيا-آگسٽ ١٩٦٧ع)
(پوري - ١٩٧٩)

B-9, Florina
Sitla Devi Temple Road,
Mahim, Mumbai - 400016

هڪ فينلسيءَ جو احساس ڪرائي ٿي. ان جو ٿاٽ آهي : خود ارادي جي موت جو حق. 'هاڻ ڪو نه رهواسي پنهنجي اِڇا سان پنهنجي طيءِ ڪيل تاريخ تي، پنهنجو چاهيل موت حاصل ڪري سگهندو.'

١٩٨٣ ۾ آيل 'اَلون سُر' ڪويتا سنگره ۾ نامديو جي هڪ ڪويتا آهي : 'ڪال جي دفتر جو آڊونيڪرڻ'

اَڄ ڪان/هر اِنسان کي هڪ جيتري مقرر عمر / تندرست نموني جيئڻ ڏني ويندي/ هاڻ ڪو به اوچتو نه مرندو / نه اڳ مرندو نه پوءِ / بيمار ٿيڻ هاڻ اڏارمڪ ليکيو ويندو / هاڻ هر-ڪنهن کي جمڻ شرط / 'تاريخ' ڪڍي ڏني ويندي / اها معمولي يادگيري / هڪ ڪمپيوٽرائيزڊ دفتر داخل هوندي / جيڪو وقت به وقت / باقي وقت جون هدايتون سپلاءِ ڪندو / هاڻ ڪو بهماتم نه ٿيندو / نه اسپتالون نه ڊاڪٽر نه دوائون / هاڻ ڪي به ايڪسيڊنٽ نه ٿيندا/ نه ٻوڏ طوفان ۽ سوڪ جو خطرو رهندو / 'سمانوادي مقرر مرتيو رٿا - ١٩٧٩' جي عمل سان / قهري طاقتن جو فضول خرچ گهٽايو ويندو ....

ويهه سال اڳ لکيل هيءَ ڪويتا هن ڪهاڻيءَ جي ٿاٽ جو هڪ هيو ۽ FINE (اِتفاق سان اِها ڪويتا منهنجي آهي) روپ نظر اَچي سگهي ٿو.

هن ڪهاڻيءَ ۾ شايد پهريون دفعو विभत्स رَس جو اظهار ملي ٿو - پر اُهو ڪهاڻيءَ جي ڊمانڊ نه بڻيو آهي. ستيش روهڙا هن ٿاٽ کي نئين ڪهاڻيءَ ۾ اُڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي - پر هن 'اُن' بجاءِ سُوتِلي ڪم آندي آهي. هت مَرسي ڪِلنگ يا آتم هتيا جي حق بجاءِ محض De'population جو اظهار ڪيو آهي ان ڪري ڪهاڻيءَ ۾ گنڀيرتا ڀريو سوچ فوڪس ٿي نه سگهيو آهي. پر هت سڀ کان وڏي شڪايت به پيدا ٿي آهي. ڪهاڻيءَ جي Treatment ايٽري نه رف آهي جو ان جي اِشاعت تي عجب لڳي رهيو آهي. مون کي لڳي ٿو ڪڏهن ڪڏهن عمر آزمودو ۽ هلندي پڄندي وڌڻ سان Self - Assessment جي ضرورت وڌندي آهي ۽ طاقت گهٽندي آهي.

'بيهجي ويل وقت' لکمي ڪلاڻيءَ جي ڪهاڻي، مائين طبقي جي، پراڻي پريم جي ياد جي ڪهاڻي آهي. هنديءَ ۾ پرسڌ ڪهاڻي 'اُسني ڪها ٿا' هڪ آسڪتي - ڀاوَ Attachment جي اَثر هيٺ لهنا سنگهه جان جي بازي لڳائي - هت گوبند جانڪيءَ جي جوانيءَ جي ياد ۽ پنهنجي پهچ کان پري جي پريم جي نه اظهاريل ڀاوَ جي اَثر هيٺ پيرسن عورت جانڪيءَ سان آخرين گهڙين ۾ ملڻ لاءِ هوائي سفر ڪري ٿو ۽ اَچانڪ هن جي ليڪ ٿيڻ تي ڪيس اُڏائي پنهنجي گهر به ولي اَچي ٿو.

ڪهاڻي پنهنجي ڀاوَ جي اظهار ۾ صاف سُٿري ۽ ڪافي پرڀاوَ شالي رهي آهي. 'رچنا' ٨١ جي ڪهاڻي - انڪ ۾ اِيشور پارتيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه اهڙو ئي ڀاوَ اظهاريو آهي. البت ٻنهي ۾ ڀاوَ کان سواءِ ڪا هڪ جهڙائي نه آهي.

'رچنا' جي رچنائن تي رِويو ڪندي، ڪيترا دفعا مون کي باهه مان لنگهڻ جو احساس ٿيندو آهي ۽ ڪيترا ڏينهن اهو لکڻ کان اڳ ۽ ڪيترا ڏينهن لکڻ کان پوءِ اهو جاري به رهندو آهي.

141, Sindhunagar
Bhavnagar - 364002

هن پرچي جي مکيه ليکڪ ناتي شيام هت هڪ ڪهاڻيءَ کي ڇهن الڳ-الڳ رازن ۾ ڳائڻ جو پريوگ ڪري ڏيکاريو آهي. اِن گنڀير پريوگ ۾ ۱۹۶۷ ۾ سنڌ ۾ شايع ٿيل هن جي ڪهاڻيءَ کي، نئين ٽريٽمينٽ سان (ڇهن پيجن بجاءِ ٽن پيجن ۾) نئين سر نئين ٽائيٽل سان ڏهن سالن بعد هند ۾ شايع ڪيو آهي! هيءُ پريوگ اِها ڳالهه ثابت ٿو ڪري ته ڪهاڻيءَ ۾ WHAT 'ڇا' کان وڌيڪ HOW 'ڪئن' جي اَهميت آهي. الڳ ٽريٽمينٽ علحدو اَثر ڇڏي ٿي. هت ڊڪريل ياونگر جي ورڪشاپ ۾ ڪهاڻي لکڻ جي ڏس ۾ هلايل 'ڪلاس' ۽ 'بحث' بعد ڪجهه رچنائون به ڪئنواس تي اُتريون هيون - پر اُنهن کي فنش-اَپ ۽ پالش ڪرڻ جو وقت نه ملي سگهيو. لکمي ڪلاڻيءَ نه وڏي اُتساهه سان 'رچنا' جو خاص انڪ به انائونس ڪيو پر ورڪشاپ ڪهاڻي ۽ ڪويتا ۾ ورهائجي چڪو هو.

شيام جو هيءُ 'تجربو' بيشڪ تجربو آهي - پر هت اهو سوال ٿو اُٿي ته 'آخر' ان ۾ ڪوبه نظريو بدلائڻو نه آهي، ته پوءِ، پهرين ۽ ٻين ۽ اجان به شايد ٽين ڪهاڻيءَ جو OUT-PUT ڪافي حد تائين ساڳيو نه رهندو ڇا؟ ٽريٽمينٽ سان ڪهاڻيءَ جو روپ ۽ تاثر علحدو رهندو - پر تاثر جو روپ نه ساڳيو ئي رهندو! مون کي ياد آهي ۲۵ سال اڳ گوٽا ۾ ساهتيه اَڪادميءَ جي هڪ چئن ياشائن جي شاهي ورڪشاپ ۾ شيام ۽ منهنجي سامهون هڪ ڪهاڻيءَ جي پڄاڙيءَ ۾ ڪنهن تبديل سُجهائي ته ليک چيو هو - اُها ڪهاڻي منهنجي نه، توهان جي ٿيندي! ائين جي 'تبديل' قبول نه آهي، نه 'تاثر' جو قد-بت ئي بدلجڻ گهرجي.

هت ساڳين ناولن تي الڳ نهيل فلمن کي (مثال-ديوداس) ياد ڪرڻ وٽندو ۽ ناٽڪ جو ADAPTATION به.

۱۹۶۰ کان پوءِ نئين چيتنا جي ڪهاڻي ڏارا ۾ آ - ڪهاڻيءَ جو سُر به گونجيو هو. عام طور پرش اِستريءَ طرف رومانس لاءِ مائل ڏيکاريو پئي ويو آهي. هت ان جي اُبتڙ هڪ اِستري، ڪلاڪار- پرڪرتيءَ جي پرش کي؛ گهر ۾ هڪ ٻتيءَ جي هوندي؛ پائڻ چاهي ٿي - ڪنهن نه ڪنهن حد/روپ ۾. پر هوءَ اڪيلي ئي ٿي رهجي وڃي. ٻنهي ڪهاڻين ۾. جي ٻه نه آهن. هڪ ڪهاڻيءَ جا ٻه تجربا آهن. اِستريءَ جي اَترپتيءَ جي اَحساس کي ۽ پرش جي بي رُخيءَ کي هيءَ ڪهاڻي پاڻ ۾ سمائي ٿي وٺي. اڄ جي زندگيءَ جا منظر. جي اڳ گهٽو ڪري ائين نه هئا!

هري همٿاڻيءَ جي ڪهاڻي 'چڪر' منووگيانڪ گرنٿيءَ جي ڪهاڻي هوندي به پرمپراگت شيليءَ ۾ لکيل آهي. گهر ۾ ائين ئي آندل ڪُڪڙَ جي سُهڻي روپ طرف گنگا جو Identification اَڳتي هلي هڪ گرنٿي بڻجي وڃي ٿي. 'ڪڪڙ' سبب وجوءَ کي ڇٽيءَ جي بيماري ٿيڻ تي 'ڪڪڙ' سامهون واري عثمان جي حوالي ڪرڻو پيو ۽ هن ڪجهه ڏينهن ۾ حلال ڪري ائين چيو ته ڪتو کائي ويو. اها گهٽنا گنگا لاءِ 'ڇايا' بڻجي پيئي. گهر دکي ٿي پيو. گنگا کي دوُرا پوڻ لڳا.

هيءُ سڀ ڪيس هسٽري کان مٿ پرو ڪجهه نئون ۽ ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ آيل آهي، اَهڙو احساس اَوس ٿئي ٿو. ڪهاڻيڪار ان گرنٿيءَ جو ڪو اُپاو سوچڻ جو ڪم پاترن ۽ پاٺڪن تي رکيو آهي.

شري ستيش روهڙا جي 'آپشن' ڪهاڻي

لاءِ ڪيئن چوان؟ .... توهان ئي ڪجهه چئو نه پيا!'

'آپشن' واري (ڪهاڻيڪار) ڪي ڪو هندي عنوان وڪلپ لکڻ بدران پيو ڪو سنڌي لفظ ڪو نه ٿي سجهيو ته پوءِ اهڙي ڪهاڻي لکڻ جي هام ئي ڇو ٿي پريائين ۽ لکيائين؟ اها ته پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي توهين آهي.

'ارادو - خواه تجربو' ڪي ته اوهان پارو پارڪو اوچ ڪوٽيءَ وارو ساهتڪار ئي معيار واري ڪهاڻي چئي سگهندو، باقي اسان پاري ساڌارڻ پاٺڪ لاءِ ته پني جو زيان آهي.

لڇمڻ هردواڻي (احمدنگر)

'اسانجي طرفان' ۾ ساهت جو ڪارج بابت ('ڪلا ڪلا لاءِ' ۽ 'ڪلا زندگيءَ لاءِ') جو جهونو وشيه ڇهاڙيندي سمپادڪ مونجهاري ۾ پيل ٿو نظر اچي. نه ته 'چيڙ' وجهي اها فتوا ڪو نه ڏئي ها ته .... 'هنهي جا وسيلا الڳ الڳ هوندي به چيهه ساڳيو آهي. يعني انسان جي سچيتائيءَ ڪي ڪشادو ڪرڻ، ڪيس وڌيڪ سنويدن شيل، وڌيڪ شعوري، وڌيڪ ماڻهو (ڪلچرڊ) ٻڻائڻ ..... جنهن ڪلاواد جو زندگيءَ سان ڪوئي واسطو ناهي، اهو پلا ڪيئن ٿو زندگيءَ لاءِ اُپڪاري ٻڻجي سگهي؟ ان جو واسطو صرف ڪلا ۽ ڪلاڪارن سان آهي (جيئن 'رچنا' ٺماهي جو عام پاٺڪن سان واسطو ناهي، اها مخصوص ليکڪن / شاعرن، آلوچڪن ۽ پنجويهه ٽيهن واهه واهه ڪندڙ پاٺڪن ڪي ئي حظ (!) يعني آنند ڏيندڙ آهي.)

ساهتيه‌ڪي هڪ ليباريٽري (تجربن لاءِ) مڃيندڙ ساهتيه وگياني شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪهاڻي 'ارادو : جڏهن ۽ جيئن جو' ١٩٦٧ ۾ خود هڪ تجرباتي ڪهائي هئي. اُها ڏهن سالن کانپوءِ ١٩٧٧ ۾ وري ٿورا گهڻا لفظ / جملا گهٽائي / وڌائي پيهر لکي ۽ نئون ليبل (هڪ ائنٽي رومانٽڪ ڪهاڻي) لڳائي شايع ڪرائڻ پليان ڪهڙو مقصد آهي؟ محض تجربو ڪرڻ .... سائين! ساهت هڪ سرجن آهي. نرماڻ آهي، ڪريئيشن آهي، جنم آهي، هڪ پيرو سرجن ٿيو، معنيٰ ٿيو. آن ڪي پيهر ميڪ اَپ سان سجائي پيش ڪرڻ لفظي تجربو ٿي سگهي ٿو، ساهتڪ نه. نه ته شرت چندر به اُٿي چوندو ته ترسو، مان 'ديوداس' پيهر لکي ان ڪي هڪ ائنٽي ٽرئجڊي ٿو ٻڻائي ڏيکاريانو! حيرت جي ڳالهه اها آهي ته شيام جهڙو هڪ اعليٰ ساهتڪار ٢٢ سالن کانپوءِ به وري هڪ تجربو ڪري ٽيهر اها ئي ڪهاڻي لکڻ لاءِ تيار آهي.

بزرگ ۽ جوابدار ليکڪ شري ستيش روهڙا صاحب جي ڪهاڻي 'آپشن' به توهانجي ڪلاواد ڏانهن اهارو ڪندڙ هڪ تجرباتي ڪهاڻي آهي جا ناڪامياب ڪهاڻين ۾ ليکڻ چاهيندس. يعني تجربو فيل! ان ڪهاڻيءَ ڪي ليکڪ نه روايتي ڪهاڻي ٻڻائي سگهيو آهي نه ڪا سلي فئنٽسي! نه ئي ان مان ايندڙ زماني جي ڪهاڻيءَ جي جهلڪ ٿي پوي.

ڪهاڻيءَ جو ڪال/ وقت گهڻو گهڻو اڳتي جو آهي. شايد هڪ صدي اڳتي يا وڌيڪ جو، جنهن لاءِ ليکڪ هڪ اهڙي ماڊرن لئنڊ جي لوڪشاهي (!) راڄ جي پارليامينٽ جي انقلابي فيصلي جو ذڪر ڪيو آهي. يعني خود ارادي موت جو حق عام ماڻهوءَ ڪي بحال ڪرڻ! ڪردار به سڀ انگريزي اکرن وارا آهن. نائڪ 'واءِ' ان جو ڪيندر آهي، جو ڪشمڪش ۾ آهي ته زندگي ۽ موت جي ان آپشن مان ڇا چوندي. مونکي اعتراض ان ڳالهه

توهان طرفان

ڪمار تيجواڻي (اُلهاسنگر)

’رچنا‘ جو ’ڪائنات‘ ڪالم دلچسپ هو. اهو اوچتو ڇو بند ڪيو ويو آهي؟ وگيان بابت ڄاڻ ڏيندڙ اهو ئي هڪ ڪالم هو! مونکي پڪي اُميد آهي تہ اهو ڪالم وري شروع ڪيو ويندو.

چترو ناگپال (بئنگلور)

شيام جئسنگهاڻي جيڪڏهن باهہ جي گولائيءَ ۾ ٽپو ڏيڻ جو ڪرتب ڏيکارڻ پيو چاهي تہ ١٩٩٩ ۾ (ارادو : جڏهن ۽ جيئن جو - ڪهاڻي ٻيهر لکڻ کان) ڪيس ڇو روڪيو ويو؟ پالڪ ڄاڻڻ چاهيندو تہ ١٩٧٧ کان اهو ڪيترو نرالو ٿو لڳي.

هري همٿاڻيءَ جو ’چڪر‘ شئليش مٽياڻيءَ جي ڪهاڻي ’مئمود‘ جي ياد ٿو ڏياري. اُن ۾ ٻڪريءَ کي پنهنجي اولاد وانگر ٻڍي جڏن پالي ٿي جو هن کي پنهنجو ٻار نہ آهي. ڇيلي جي عمر کان وٺي سرديءَ ۾ ان کي گڏ بہ سمهاري ٿي جو اهو بہ بنان ماءُ وارو آهي. آخر گهر وارا اُن ئي ٻڪريءَ کي ڪُهائي ٻڍيءَ کي ان جو گوشت کائڻ لاءِ ڏين ٿا. پر ٻڍيءَ کي سٽس پئجي چڪي آهي. هوءَ ماني ئي نہ ٿي کائي ۽ لُڙڪندي ٿي رهي.

لکميءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڳالهہ کٽل ۽ کٽڪندڙ آهي. ڪار ۾ ڪجهہ وڏيڪ ٿيڻ ڪپندو هو،
جي اينترو لکل پيار هو.

ستيش روهڙا کي سندس ڪهاڻي ’آپشن‘ سبب IPC 309 - B (آپگهات کي همٿائڻ جي ڏوهہ ۾) گرفتار ڪرائي سگهجي ٿو. ڪي پالڪ تہ ليکڪ جو ايمانداريءَ سان ان ويچار ۾ Practical اعتقاد ڏيکارڻ جو پوءِ بہ پالي سگهن ٿا.

ڪانگهاري ۾ ڦاٿل مکہ جي تشبيهہ کي پاڻ ئي غليظ محسوس ڪندي بہ ليکڪ اُها ٽي دفعا ڪم آندي آهي. مک وانگر پاڻ بہ نڪري نٿو سگهي ان مان.

لڇمڻ ونواڻي (ڀوپال)

’بيهجي ويل وقت‘ عاليشان ڪهاڻي آهي. ٻولي بہ سندر، سرل ۽ سپڪ آهي، البت ان ۾ انگريزي پستڪ ’لو ان د ٽائيم آف ڪالرا‘ جي حوالي سنڌيت جو اثر ڪجهہ گهٽ ڪري ڇڏيو. سنڌي پڙهندڙن لاءِ تہ پاڻ ڪنهن معياري سنڌي ڪتاب جو حوالو ڏيئي ڪين سنڌي ساهت پڙهڻ لاءِ اُتساهت ڪيو وڃي ها.

’چڪر‘ ڪهاڻي دل کي ڇهندڙ آهي. ان ۾ معصوم پيار جو نزاڪت سان ورنن ڪيل آهي. جڏهن ١٣ سالن جي ٻالڪ روهت پنهنجي ننڍي ڀاءُ لاءِ چيو ’وڃُ تہ آهي ئي ڇريو‘ ۽ پٽس پڇيو ’ ۽ تنهنجي ماءُ؟‘ تڏهن جننيءَ لاءِ عزت ۽ فضليت وڃان ڪهڙو نہ سهڻو جواب ڏنائين ’مما

پهچ

+ سپن منجھ سرهاڻ (ڊيمي سائيز - ۱۹۹۸)
چوئٿرام لعلچند ’ڪاتب‘ جا ۱۳ تنقيدي مضمون
ڇپائيندڙ : چوئٿرام لعلچنداڻي،
C-151 ، ڪبيرنگر
اَحمداباد - 382340
صفحا : 96، قيمت : 20 روپيه

+ لاوارث ملھ (ڊيمي سائيز - ۱۹۹۸)
اَرجن ڪرپالاڻيءَ جون ۱۰ ڪهاڻيون
ڇپائيندڙ : اَنوپما پبليڪيشن
3/10 ، شاستري نگر،
بياور (راجسٿان)
صفحا : 81 ، قيمت : 60 روپيه

+ آپراجت (ڊيمي سائيز - ۱۹۹۸)
نندلعل عيدنداس پرسراماڻيءَ جون ۷ ڪهاڻيون
ڇپائيندڙ : گوپال اوُر ڪمليش چتر شالا
سلومبر (اُديپور-راجسٿان) - 313027
صفحا : 85، قيمت : 30 روپيه

+ من (ڪرائون سائيز - ۱۹۹۹)
وگيانڪ چيد
رڪمڻي سندر ڇٽاڻي
ڇپائيندڙ : رڪسن پبليڪيشن
10/182 ، ميرا ڪالوني، شنڪر شيٺ روڊ
پُڻي - 410037
صفحا : 68، قيمت : 29 روپيه

+ لاڏي لاڏي آندي پر (ڊيمي سائيز - ۱۹۹۹)
واسديو نرمل جو ٽ-آنڪي ناٽڪ
ڇپائيندڙ : شريمتي پورٹما واسديو ماڌو
فلئٽ 3 ، مهراڻ سوسائٽي،
جي. وي. پي. ڊي. سڪيم، اين. ايس. روڊ نمبر ۱۰،
جوهوُ، ممبئي - 400049
صفحا : 76 ، قيمت : 60 روپيه

+ سوين ساچي .... سوين (ڊيمي سائيز - ۱۹۹۹)
سوين گيانچنداڻيءَ تي ۷ ليک
سهيڙيندڙ : نارايڻ ڀارتي
ڇپائيندڙ : سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
90 ، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر -421003
صفحا : 100، قيمت : 40 روپيه

+ صدائي انقلاب (ڊيمي سائيز - ۱۹۹۹)
. اير . رفيق جي شاعري
ڇپائيندڙ : ڪريجا پبلشنگ هائوس،
B-41/245 ، نوان بلاڪ، اُلهاسنگر - 421005
صفحا : 62 ، قيمت : 60 روپيه

+ ڪِرڻو - ۱۲ (ڊيمي سائيز)
جولاءِ - سپٽمبر ۱۹۹۹
با تصوير سنڌي اَدبي رسالو
سمپادڪ : لڇمڻ ڪريجا ’مسافر‘
ڇپائيندڙ : ڪريجا پبلشنگ هائوس
B-41/245 ، نوان بلاڪ، سنڌونگر 421005
صفحا : 54 ، قيمت : 20 روپيه

جو آهي تہ اهڙي ماڊرن زماني جي حال جو بيان ڪندي وچ وچ ۾ هن صديءَ جي آخر واري ريڊئي/ ٽي. وي جي خبرن / اشتهارن سان ڇو ٿو جوڙي؟ ان ھڏايل ماڊرن پارليامينٽ واري زماني ۾ اهي ميڊيا شايد نہ هجن يا ھئي نموني هجن. ليڪن ليکڪ کي پنهنجي اندر ۾ لڪل ڪنهن ورتيءَ جو ذڪر تہ ڪرڻو ئي آهي. ان ڪري ۹۸-۱۹۹۷ جي 'وسپر' 'سئنٽري نئپڪن جو اشتهار ۽ 'چولي ڪي پيڇي ڪيا هئہ' (ان ڪان بہ ہہ سال اڳ واري) گاني جي طرز تي 'فراڪ ڪي پيڇي ڪيا هئہ' جهڙي بيهودي، فاحش جملي جي بهاني هڪ نئين / ماڊرن ڳالھ ھڏائڻ ٿو چاهي، سو بہ هڪ ۱۰ - ۱۱ سالن جي ٻالڪا دئاران. پوءِ سؤ سال اڳ واري جهوني گاني ٽڪا 'وسپر' لفظ جو ھيو ارٿ جاٽائي من ئي من ۾ ڪهيون ٿو هٽي! يعني ان واقعي جو ڪو بہ سڌو يا اڻ سڌو سنهنڌ ڪهاڻيءَ جي مول وشيہ سان ناهي. هڪ نئون گيت / جملو جوڙڻ جي ڌن ۾ ليکڪ اهو بہ نٿو سوچي تہ اهو گانو ۽ اشتهار هڪ صدي جهونو آهي، جنهنجا ماڻ ھيا هئا، ماحول ھيو هو. هڪ نئين / ماڊرن لوڪشاهيءَ ۾ اهڙي ڳالھ جي ڪا خاص اهميت ناهي، ليڪن ليکڪ کي پنهنجي من جي تهہ جي اندر لڪل اها ڳالھ ڪنهن نہ ڪنهن ذريعي ھڏائڻي ئي آهي، جيئن پاٺڪ رس وٺي سگهن ....

هن ڪهاڻيءَ جي وڌيڪ اُپٽار ڪو نہ ڪندس. صرف ايترو ئي چوندس تہ وشنو ڀاٽيہ گوپال نگر سان گڏ شري ستيش روهڙا جو نالو ڪهاڻيڪارن ۾ جوڙيندي من کي ڪافي ڪليش ٿي رهيو آهي.


Regd. of News paper No. 41/4/78/NT.

IndusInd Bank,

the No. 1* Indian Bank since 1995, crosses the **Rs. 5000 crore** deposit mark on its **5th anniversary.**

(12th April '94 - 12th April '99)

Rs. Crore



Provisional figures for 31st March, 1999

*"Thank you customers, shareholders & employees for your **confidence** and **trust.**"*

IndusInd Bank Ltd.

Corporate Office : IndusInd House, 425, Dadasaheb Bhadkamkar Marg (Lamington Road), Mumbai - 400 004. Tel.: 3857474/9901 •Fax : 3809931

*Ratings : • No. 1 among Indian banks in Financial Express - BRIS Survey - Nov. '98 • Business Today - KPMG Peat Marwick ranking - Nov. '98 • Business Standard - Nov. '98 • Business Barons - BRIS Survey - Dec. '98